روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر 10 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 25 جمادي الاول 1445هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 194

پاڪستان جي ترقي روڪيندڙن جو احتساب ٿيڻ گهرجي، 1993 ۽ 1999 ۾ مون کي ڇو ڪڍيو ويو؟: نواز شريف

چا مون کي ان ڪري ڪڍيو ويو جو مون ڪارگل جنگ جي مخالفت ڪئي؟ وقت ثابت ڪيو ته اسان غلط نه هئاسين، ڪجهه ڪردارن ترقي ڪندڙ پاڪستان کي برباد ڪيو

اسان جي دور ۾ معيشت بهتر ۽ ترقي عروج تي هئي، ڪجهه اهڙا ڪردار سامهون آيا جن ڊوڙندڙ پاڪستان کي بيهاري ڇڏيو

مان انهن ماڻهن کان پڇڻ چاهيان ٿو ته توهان ائين ڇو ڪيو؟ هڪ اناڙيءَ کي آڻي ملڪ کي ڇو تباهه ڪيو ويو؟

2022 ۾ شهباز شريف اڃي واڳون نه سنڀالي ها ته پاڪستان ڊفالٽ ڪري ها، بجليءَ جي لوڊشيڊنگ اسان لاءِ سدائين مسئلو رهيو آهي

اناڙي شخص اسان لاءِ بجلي مهانگي ڪرڻ وارو مسئلو به پيدا ڪري ويو، اقتدار ۾ اچي عوام کي ڀرپور رليف ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين

اسان ايٽمي ڌماڪا ڪيا جنهن کان پوءِ پاڪستان مضبوط ٿي ريو، اڄ ڪنهن جي به طاقت ناهي جو پاڪستان ڏانهن ميري اک ڪڻي ڏسي : لاهور ۾ پارٽي ٽڪيٽ جي اميدوارن لاءِ ڪوٺايل اجلاس کي خطاب

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ مياں نوازشريف چيو آهي ته ڪجهه ڪردارن ترقي ڪندڙ پاڪستان جي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو جنهن به ماڻهن ملڪ کي اهڙي صورتحال تي پهچايو انهن جو احتساب ٿيڻ گهرجي. لاهور ۾ پارٽي ٽڪيٽ جي اميدوارن لاءِ ڪوٺايل اجلاس کي خطاب ڪندي نوازشريف چيو ته اسان نظرن کان ته پري ٿياسين پر دل جي تمام ويجهو رهياسين پنهنجي ڪنهن به دوست کي ناهي وسريو هميشه ياد رکيو آهي. اڄ به دعا آهي ته الله هن قوم کي پريشانين مان ڪڍي. هن چيو ته قوم گذريل 4 سال تمام گهڻو ڏکيو دور ڏٺو اسان جي دور ۾ معيشت بهتر ۽ ترقي عروج تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: مسلم ليگ(ن) جو اڳواڻ ميان نوازشريف پارٽي ٽڪيٽ جي اميدوارن لاءِ ڪوٺايل اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس جي ڪارروائي سڌي ريت ڏيکاري ويندي يا رڪارڊنگ؟ ڪميٽي جي رپورٽ تيار

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل بابت ريفرنس جي نشريات ڏيکارڻ سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني ڪميٽي رپورٽ جوڙي ورتي، ذريعن موجب صدارتي ريفرنس جي ڪارروائي بابت سپريم ڪورٽ جي ٽه رڪني ڪميٽي سومر تي رپورٽ پيش ڪندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سپريم ڪورٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ٽي پيرا سليڪٽ ٿي آيل نوازشريف هڻ پيري اليڪٽ ٿي ڏيکاري ته مڃانس: بلاول ڀٽو زرداري

معاشي حالتون نوازشريف يا ڪلاڙيءَ جي انتقامي سياست جي سٽ نه سهي سگهنديون، اسان کي خبر آهي ته نواز شريف چوٿون ڀيرو اچي ڇا ڪندو

نواز شريف اقتدار ۾ اچي انهن سان ٿي ڀيهر وڙهندو جيڪي ڪيس به ڀاڳي تي اڪثريت ڏيارينداا، جيڪو 3 ڀيرا وزيراعظم بڻجي فيل ٿي چڪو آهي اهو چوٿون ڀيرو اچي ڪهڙا ڦاڙها ماريندو؟

زمان پارڪ جي وزيراعظم انتقام جي سياست ڪئي، راءِ ونڊ جي وزيراعظم به انتقامي سياست کي هٿي ڏني، عوام ٻنهي جماعتن کان تنگ ٿي چڪو آهي

پي ٽي آءِ جو باني امپائر جي آگر تي سياست ڪندو رهيو ۽ حڪومت هلائيندو رهيو، نگران حڪومت نون ليگ هلائي رهي آهي

ميان صاحب جو نجڪاري وارو وزير پي آءِ اي کي ڪپائي نه پر خريد ڪري رهيو آهي، اسان ڪنهن کي به پي آءِ اي خريد ڪرڻ نه ڏينداسين :لوئر دير ۾ ورڪرز ڪنونشن کي خطاب

لوئر دير (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته جيڪو ٽي ڀيرا وزيراعظم بڻجي فيل ٿيو ته چوٿون ڀيرو ڪهڙو تير هڻندو؟ ٽيمرگرا ۾ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملڪ جون معاشي حالتون اهڙيون ناهن جو اسان انتقام جي سياست يا نهن رانديگر کي برداشت ڪيون. 8 فيبروري تي عوام هڪ ڀيرو ٻيهر پ پ کي چونڊيندا. هن چيو پي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لوئر دير : پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

نوازشريف کي فيور ملڻ جو چوندڙن کي شرم اچڻ گهرجي: مريم نواز

مخالف چون ٿا ته نواز شريف جي سياست ختم ٿي وئي، پاڪستان ۾ اهي ڪهڙيون جيلون آهن، جتي نواز شريف نه ويو؟

نواز شريف خلاف سازش ڪندڙ گروهه واپسي تي سندس آجيان ڏسي ڇڏي، جڏهن عوام جو فيصلو آيو ته نواز شريف جي حق ۾ آيو

هڪ شخص جيل ۾ ويهي پنهنجي عملن جي سزا ڀوڳي رهيو آهي، جيڪو نواز شريف کي چور چوندو هو، هن پاڻ تاريخ جي سڀ کان وڏي چوري ڪئي

جلالپور جٽان (م ڊ) ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته انهن کي شرم اچڻ گهرجي، جيڪي چون ٿا ته نوازشريف کي فيور ملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نازيبا وڊيو ٺاهي بليڪ ميل ڪرڻ تي شاگرديائي عمارت تان ٽپو ڏئي ڇڏيو

ممبئي (م ڊ) ڀارتي رياست اتر پرديش ۾ پنهنجي نازيبا وڊيو کان پريشان شاگردياڻي عمارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

جلالپور جٽان: ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز جلسي کي خطاب ڪري رهي آهي

ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽين کي گڏجي قانونسازي ڪرڻي پوندي: نگران وزيراعظم

اسان کي تمام گهڻا چيلنجز پيش آهن، پوليس ملڪ ۾ امن جي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن

اسان پوليس ڪاتي جا ٿورائتا آهيون، پوليس کي پنهنجي ساک برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي هوندي آهي

نوڪرين جي نوعيت جيڪا به هجي اسان کي پنهنجو ڪم ايمانداري ۽ پوري سچائي سان ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ سياسي پارٽين کي گڏجي ويهي قانونسازي ڪرڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ پوليس جي اڳوڻي انسپيڪٽر جنرلز جي ستين ساليائي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

هر سال 10 ڊسمبر تي انساني حقن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي : نگران گهرو وزير

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي گهرو وزير ۽ جيلز برگيڊيئر (ر) حارث نواز قانون لاڳو ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مريم اورنگزيب جا گرفتاري وارنٽ رد

دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج عبهر گل مريم اورنگزيب سميت ٻين خلاف ڪيس جي ٻڌڻي هلائي

مريم اورنگزيب، جاويد لطيف ۽ ٻيا اڳواڻ دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيش ٿيا

لاهور (م ڊ) لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ڇڏيا دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج عبهر گل ڏيارينڊ تقرير ڪيس ۾ اڳوڻي وفاقي وزير مريم مريم اورنگزيب سميت ٻين خلاف ڪيس جي اورنگزيب جا گرفتاري وارنٽ رد ڪري ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عمران خان توهين اليڪشن ڪميشن جي ڪارروائي ۽ جيل ٽرائل کي چئلينج ڪري ڇڏيو

عمران خان طرفان درخواست سلمان اڪرم راجا ۽ بئريسٽر سمير کوسا جي معرفت داخل ڪرائي وئي

اليڪشن ڪميشن غير قانوني طور توهين ڪميشن جي ڪارروائي شروع ڪئي آهي : درخواست جو متن

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف باني عمران خان توهين اليڪشن ڪميشن جي ڪارروائي ۽ جيل ٽرائل کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو. عمران خان طرفان درخواست سلمان اڪرم راجا ۽ بئريسٽر سمير کوسا جي معرفت داخل ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

190 ملين پائونڊ اسڪينڊل: اڳوڻي وفاقي وزير نئون انڪشاف ڪري ڇڏيو

زبيده جلال جو موقف هو ته 190 ملين پائونڊ پاڪستان جو اثاثو آهن، واپس آڻڻ گهرجن : رپورٽ جو متن

ڪيترن ئي ڪابينا ميمبرن جو چوڻ هو ته 190 ملين پائونڊ واپس آڻڻ جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي

عمران خان ڪابينا ميمبر نيب جاچ ۾ شامل ٿيا ۽ پنهنجي ان ئي موقف کي ورجايو

اسلام آباد (م ڊ) 190 ملين پائونڊز اسڪينڊل جي جاچ ۾ اڳوڻي وفاقي وزير زبيده جلال اڳوڻي وزيراعظم عمران خان بابت نيب جي ٽيم سامهون نئون انڪشاف ڪري ڇڏيو. نيب ٽيم زبيده جلال جي بيان کي پنهنجي جاچ رپورٽ جو حصو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

غير قانوني پرڏيهين جي نيڪالي، سنڌ حڪومت وڏيڪ سخت فيصلن جو اشارو ڏئي ڇڏيو

غير رجسٽرڊ افغانين کي ڪڍيو پيو وڃي، اڳتي هلي وڌيڪ سخت فيصلا ٿيندا : اطلاعات وارو نگران وزير احمد شاهه

غير قانوني پرڏيهين کي ڪڍڻ جي عمل ۾ حڪومت پوئتي نه هٽندي، سڀ کان وڌيڪ اثر ڪي پي ڪي ۾ پيو آهي

حيدرآباد (رپورٽر) اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري نگران صوبائي وزير ۽ صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهه ۽ ثقافت کاتي واري نگران صوبائي وزير جنيد علي شاهه سان گڏ اڄ سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل "/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

مسلم ليگ ن قوم جي اميدن تي پوري لهندي: شهباز شريف

نواز شريف جي وطن واپسي ڪانپوءِ قوم جون مايوسيون ختم ٿي ويون آهن

نواز شريف جي قيادت ۾ هو قوم کي امن، ترقي ۽ خوشحالي ڏيندو

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي ته مسلم ليگ ن هميشه وانگر قوم جي اميدن تي پورو لهندي. لاهور ۾ شهباز شريف سان اڳوڻي اسيمبلي ميمبرن ۽ پارٽي اڳواڻن ملاقات ڪئي، پارٽي اڳواڻ ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ غير قانوني پارڪنگ مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

مڪاني ڪاتن جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري منظور علي شيخ جي صدارت هيٺ پارڪنگ مافيا بابت اجلاس ٿيو

اجلاس دوران غير قانوني پارڪنگ مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون ۽ ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ غير قانوني پارڪنگ مافيا خلاف هڪ ڀيرو ٻيهر ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو ويو آهي. مڪاني ڪاتن جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري منظور علي شيخ جي صدارت هيٺ پارڪنگ مافيا بابت اجلاس ٿيو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪچي ۾ آپريشن

قتل ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار شيرو مهر ۽ ٻين جوابدارن جي فصلن کي باهه ڏئي ساڙيو ويو

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن : ايس ايس پي عرفان سمون

ڪراچي (م ڊ) شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ ايس ايس پي سکر عرفان سمون جي اڳوائيءَ ۾ پوليس جو شاهه بيلو جي ڪچي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

خصوصي عدالتن ۾ سولينز جو ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ خلاف اپيلون ٻڌڻ لاءِ مقرر

جسٽس سردار طارق جي سربراهي ۾ 6 رڪني لارجر بينچ 13 ڊسمبر تي ٻڌڻي هلائيندي

لارجر بينچ ۾ جسٽس امين الدين، جسٽس حسن اظهر، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس عرفان سعادت شامل

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ خصوصي عدالتن ۾ سولينز جو ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ خلاف اپيلون ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيون جسٽس سردار طارق جي سربراهي ۾ 6 رڪني لارجر بينچ 13 ڊسمبر تي ٻڌڻي هلائيندي لارجر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده آهيون، اسان سڀني کي ڪراچي کي بهتر بڻائڻو آهي: مرتضيٰ وهاب

بهتري تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندي جڏهن اسان سڀ پنهنجي حصي جو ڪم ڪنداسين

سمورن سياسي ۽ مذهبي پارٽين کي دعوت ڏيان ٿو ته اچو پاڻ سڀ گڏجي شهر جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪريون

شهر جي سيوريج سسٽم کي بهتر بڻائڻ لاءِ 40 جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون واٽر ڪارپوريشن حوالي ڪيون ويون آهن

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته اسين ڪراچي جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده آهيون، اسان سڀني کي ڪراچي کي بهتر بڻائڻو آهي ۽ بهتري تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندي جڏهن اسان سڀ پنهنجي حصي جو ڪم ڪنداسين. اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر شهر جي سمورن سياسي ۽ مذهبي پارٽين کي دعوت ڏيان ٿو ته اچو پاڻ سڀ گڏجي شهر جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪريون. اچو گڏ ڏينهن اسان جي لاءِ خوشي جو ڏينهن آهي جو ڪاڻ ته سنڌ حڪومت، ورلڊ بئنڪ ۽ ڪراچي واٽر سيوريج سروسز امپروومينٽ جي گڏيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: ميئر ۽ چيئرمين ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سڪشن مشينن جون چابيون ڏئي رهيو آهي

نگران حڪومت عذير بلوچ جي ڪيسن مان بريت کي چئلينج ڪري ڇڏيو

عذير بلوچ خلاف ڪيس ٻيهر دهشتگردي ٽوڙ عدالت اماڻڻ جي استدعا ڪئي وئي

جوابدار عذير بلوچ ۽ سندس ساٿي جوابدارن کي بنا ٽرائل هلائڻ جي آجو قرار ڏنو ويو : پراسيڪيوٽر جنرل

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي نگران سرڪار لياري گينگ وار جي ڪردار عذير بلوچ جي مختلف ڪيسن مان بريت کي چئلينج ڪري ڇڏيو عذير بلوچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بدقسمتي سان گذريل ڪجهه سالن ۾ بار ۽ بينچ جا لاڳاپا سرد ٿي ويا آهن: نگران وڏو وزير

بار ۽ بينچ ٻئي انصاف ۽ جمهوريت جي حصول ۾ اهم اسٽيڪ هولڊرز جو ڪردار ادا ڪندا آهن

ٻنهي وچ ۾ هم آهنگي جي کوٽ سموري عدالتي نظام کي متاثر ڪري ٿي، ان ڪري اسان کي پنهنجا لاڳاپا بهتر ڪرڻ گهرجن

جسٽس عقيل عباسي جي دور ۾ بار ۽ بينچ ٻئي گڏجي انصاف جي حصول لاءِ ڪم ڪندا ۽ سمورن چئلينجن کي گڏجي منهن ڏيندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته بدقسمتي سان گذريل ڪجهه سالن ۾ بار ۽ بينچ جا لاڳاپا سرد ٿي ويا آهن ۽ اسان عوام جي اميدن تي پورو نه لهي سگهياسين. هن چيو ته بار ۽ بينچ ٻئي انصاف ۽ جمهوريت جي حصول ۾ اهم اسٽيڪ هولڊرز جو ڪردار ادا ڪندا آهن. ٻنهي وچ ۾ هم آهنگي جي کوٽ سموري عدالتي نظام کي متاثر ڪري ٿي، ان ڪري اسان کي پنهنجا لاڳاپا بهتر ڪرڻ گهرجن ۽ سمورن مسئلن کي گڏجي منهن ڏيڻ گهرجي. هن اهڙو اظهار ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي ساليانه آجياڻي جي موقعي تي کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: نيب چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سارا انعام قتل ڪيس فيصلو محفوظ، 14 ڊسمبر تي ٻڌايو ويندو: عدالت

ثمينه شاهه تي قتل ۾ معاونت جا الزام ثابت نه ٿي سگهيا آهن : وڪيل

وڪيل نثار اصغر پاران ثمينا شاهه کي ڪيس مان آجو قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد جي عدالت سارا انعام قتل ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جج ناصر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

(ن) ليگ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ سيٽ ايڊجسٽمنٽ لاءِ ڪميٽي قائم

سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي لاءِ (ن) ليگ طرفان راڻا ثناءُالله، اياز صادق ۽ سعد رفيق ڪميٽي ۾ شامل هوندا : ذريعا

آءِ پي پي طرفان عون چوڌري، اسحاق خاڪواڻي ۽ نعمان لنگڙيال ڪميٽي جو حصو هوندا

لاهور (م ڊ) (ن) ليگ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي وچ ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي ذريعن موجب سيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

گڏيل قومن جي جنگبندي ۾ ناڪامي، اسرائيل جي بمباري ۾ تيزي

ڏهين هفتي ۾ داخل ٿيندڙ لڳاتار جنگ ڏکڻ غزا جي علائقي خان يونس ۽ آس پاس ۾ گهر گهر شروع ٿي وئي

فلسطيني شهري سامونڊي ڪناري طرف پناهه وٺڻ لڳا، مصر جي بارڊر واري علائقي رفح جي آس پاس جمع ٿي ويا

ٻن مهينن کان جاري جنگ ۾ هن مهل تائين 17487 فلسطيني شهيد ٿي چڪا جن ۾ 7 هزار کان مٿي ٻارڙا شامل

غزه (م ڊ) جنگ بندي ۾ گڏيل قومن جي قرارداد آمريڪا پاران ويٽو ڪرڻ بعد اسرائيل پاران ڇنڇر تي خوفناڪ بمباري ۾ تيزا آئي ڇڏي آهي. ڏهين هفتي ۾ داخل ٿيندڙ لڳاتار جنگ ڏکڻ غزا جي علائقي خان يونس ۽ آس پاس ۾ گهر گهر شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ملڪ ۾ بيهر نئون لاڏلو آندو ويو آهي: مراد علي شاهه

لاڏلي کي آڻڻ لاءِ اليڪشن به ليٽ ڪئي وئي، لاڏلا آڻيندڙن کي سدائين پڇتائڻو پيو آهي

عوام ۾ نڪري پوندڙ اڳواڻ هن وقت رڳو بلاول ڀٽو زرداري آهي، ملڪ جو عوام ئي ماڻهن کي وزيراعظم بڻائيندو آهي

27 ڊسمبر تي ڳڙهي خدابخش ۾ شهيد بينظير جي ورسيءَ تي عوام جو سمنڊ نظر ايندو

سکر (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر نئون لاڏلو آندو ويو آهي. لاڏلي کي آڻڻ لاءِ اليڪشن به ليٽ ڪئي وئي، لاڏلا آڻيندڙن کي سدائين پڇتائڻو پيو آهي مراد علي شاهه چيو ته عوام 8 فيبروري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

جي ايڇ ڪيو حملي سميت 10 ڪيسن مان شيخ رشيد جي عبوري ضمانتن ۾ واڌ

عدالت ٻڌڻي دوران عدالت شيخ رشيد جي ڪيسز جو مڪمل رڪارڊ پيش نه ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

ايندڙ تاريخ تائين جاچ مڪمل ڪري رڪارڊ پيش ڪريو : عدالت جي هدايت

راولپنڊي (م ڊ) جي ايڇ ڪيو حملي سميت 10 ڪيسن ۾ شيخ رشيد جي عبوري ضمانتن ۾ واڌ ٿي وئي آهي، عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ملڪ ۾ سليڪشن کي روڪي چونڊ عمل شروع ٿيڻ گهرجي: فواد چوڌري

نوازشريف 40 سالن کان پوءِ به نامزد اداري ذريعي اقتدار ۾ اچي ٿو ته ڪهڙو فائدو؟

اينٽي ڪرپشن پنجاب جي کاتي کي فواد چوڌري جي راهداري ريمانڊ جي ضرورت آهي : جج قاضي ماجد

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي اڄ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، فواد چوڌري کي هٿڪڙيون لڳائي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ ڪيس هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي اينٽي ڪرپشن پنجاب جي حوالي ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر غزه ۾ جنگبندي لاءِ سلامتي ڪائونسل ۾ پيش ڪيل ٺهراءُ کي ويٽو ڪري ڇڏيو

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ قرارداد متحده عرب امارات طرفان پيش ڪئي وئي

قرارداد جو ڊرافٽ غير متوازن هجڻ کان علاوه حقيقتن سان هڪ جهڙائي نٿو رکي : آمريڪي نائب سفير رابرٽ وڊ

نيويارڪ (م ڊ) آمريڪا غزه ۾ جنگبندي لاءِ سلامتي ڪائونسل ۾ پيش ڪيل ٺهراءُ کي هڪ دفعو ٻيهر ويٽو ڪري ڇڏيو آهي عالمي خبرون ڏيندڙ اداري موجب آمريڪا غزه ۾ جنگبندي لاءِ سلامتي ڪائونسل ۾ پيش ڪيل ٺهراءُ کي ويٽو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: اسلامي تحريڪ پاڪستان طرفان ملي يڪجهتي ڪونسل پاڪستان سربراهي اجلاس
مجلس قائدين سان صدر ايم وائي سي پي صاحبزاده ابوالخير محمد زبير خطاب ڪندي

ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس جيان ڇا اسان به نوازشريف کي انصاف ڏيارڻ لاءِ 45 سال انتظار ڪريون: جاويد لطيف

اڄ خوشي آهي ته 45 سالن کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل جو ڪيس ٻڌو پيو وڃي

اسان کي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ 5 منٽ دير ٿيندي آهي ته ضمانت رد ٿي ويندي آهي

لاڏلي جي لاءِ صبح 9 وڳي عدالت لڳندي هئي، رات جو 8 وڳي لاڏلو چوندو هو ته منهنجو حاضر ٿيڻ جو موڊ ناهي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ جاويد لطيف چيو آهي ته اڄ خوشي آهي ته 45 سالن کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل جو ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور: مسلم ليگ(ن) اڳواڻ جاويد لطيف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪوڙو چيڪ ڏيڻ تان اڳوڻي سيڪريٽري انفارميشن کي قيد جي سزا

عدالت اڳوڻي سيڪريٽري انفارميشن صفدر علي شاهه تي 5 هزار روپيا ڏنڊ به لاڳو ڪيو

عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد جوابدار صفدر علي شاهه کي سزا ٻڌائي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي عدالت 48 لک روپين جو ڪوڙو چيڪ ڏيڻ واري ڪيس ۾ اڳوڻي سيڪريٽري انفارميشن صفدر علي شاهه کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پارٽي جو نئون چيئرمين توشه خاني ڪيس ۾ نااهلي ختم ٿيڻ تائين چونڊ ڪيو آهي: علي ظفر

جيڪڏهن باني چيئرمين کي چونڊن کان اڳ روڪيو ويو ته اهڙي عمل کي اسان چئلينج ڪنداسين

انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو اليڪشن ڪميشن جو حڪم غير آئيني ۽ غير قانوني هو

تڪ بنديون جيڪڏهن غلط ٿيون ته ان کي اميدوار انفرادي حيثيت ۾ چئلينج ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ سينيٽر علي ظفر چيو آهي ته توشه خاني ڪيس ۾ باني چيئرمين جي نااهلي ختم ٿيڻ تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جيڪو ڪم حڪومت نه ڪري سگهي اهو اسان کي ڪرڻو پوندو: شاهد آفريدي

بهاولپور (م ڊ) قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان شاهد آفريدي چيو آهي ته ڪرڪيٽ اڪيڊميز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

لاهور: اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف سان پارٽي جا اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

پي ٽي آءِ کي اڄ به پرڏيهي فنڊنگ ملي رهي آهي: مريم اورنگزيب

هاڻ عوام پريشان نه ٿئي ملڪ هڪ دفعو ٻيهر ترقي جون منزلون طئي ڪندو

عوام 8 فيبروري تي نوازشريف کي ٻيهر وزيراعظم بڻائيندو

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزير چيو ته 190 ملين پائونڊ قومي خزاني ۾ آيا هئا، عدالت جي اڪائونٽ ۾ نه آيا آهن. پي ٽي آءِ باني چيئرمين جي گهر واري هيرا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي مختلف شعبن ۾ داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ

خيرپور (رپورٽر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي مختلف شعبن ۾ داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

دادو ۾ آءِ بي اي پاس استادن کي گذريل 4 مهينن کان پگهارون نه ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پ ٽ الف ٽائون جي سڏ تي متاثر استادن ۽ پ ٽ الف جي اڳواڻن پاران پريس ڪلب اڳيان هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ضلعي ۾ اجان تائين گذريل 4 مهينن کان پگهارون نه ڏيون ويون، خزانه آفيس ۾ انهن استادن پاران سمورا ڪاغذات مڪمل جمع ڪرايل آهن: مظاهرين

استاد بنا پگهار جي ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن اهڙي ناانصافي خلاف پ ٽ الف استادن جي تنظيم سراپا احتجاج آهي ۽ اختيارين جي ڪن تي جونءِ نه ٿي چري

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ آءِ بي اي پاس استادن کي گذريل 4 مهينن کان پگهارون نه ڏيڻ خلاف پ ٽ الف دادو ٽائون جي سڏ تي متاثر استادن ۽ پ ٽ الف جي اڳواڻن پاران دادو پريس ڪلب اڳيان هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: پ ٽ الف جا استاد مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ ايس يو پي
پاران 17 هين يوم
تاسيس ملهايو ويو

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعي ڪورنگي پاران 17 هين يوم تاسيس پرپور نموني ضلعي ڪورنگي اڳواڻن ۽ ڪارڪن پاران ضياء ڪالوني ۾ ملهائي وئي ، جنهن ۾ ڊويزنل انفارميشن سيڪريٽري روي راجوير صاحب جن خصوصي طور شرڪت ڪئي . 17 هين پارٽي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو . ڪيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز ۾ 11 هزار وولٽ جي ڪريل تارين ۾ فوت ٿيل جا وارث عدالت پهتا

عدالت 16 تي ايس ايس پي ۽ ايس ايڇ او نوشهرو فيروز تي طلب ڪري ورتو

ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ نوشهرو فيروز ٿاڻي تي وياسين پر پوليس ڪيس داخل نه ڪيو : متن

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) 11 هزار وولٽ جي ڪريل تارين ۾ فوت ٿيل گلاب راڄپر جا وارث قتل جي ايف آئي آر داخل ڪرائڻ لاءِ عدالت پهچي ويا. عدالت 16 تي ايس ايس پي ۽ ايس ايڇ او نوشهرو فيروز تي طلب ڪري ورتو. نوشهروفيروز سيشن جج جي عدالت ۾ فوتي جي پٽ غلام مصطفيٰ راڄپر ايڊووڪيٽ عبدالقادر خانزاده جي معرفت 22 اي بي جي درخواست داخل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽي ۾ واپڊا جي نجڪاري خلاف واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران مظاهرو

اڳواڻن ڊويزنل چيئرمين وحيد علي رند، چيئرمين منور تارو، شير زمان سهتو، امير علي ڪوسو، رحمان خان، گلاب لنڊ، نواز تارو ۽ نيڪ محمد ۽ ٻين احتجاج ڪيو

واپڊا جي نجڪاري کي فوري طور تي ختم ڪيو وڃي، ملازمن جون جبري بدليون روڪي ملازمن جي جائز مطالبن کي فوري طور حل ڪيو وڃي : مظاهرين

اسان يونين جي مرڪزي اڳواڻ عبداللطيف نظاماڻي جي حڪم تي عمل ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهيون، نوٽيس وٺي انصاف ڏنو وڃي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) واپڊا جي نجڪاري خلاف واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران حيسڪو آفيس مڪلي کان مين نيشنل هاءِ وي تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين ضلعي ٺٽي ، سجاول جي اڳواڻن ڊويزنل چيئرمين وحيد علي رند، چيئرمين منور تارو، شير زمان سهتو، امير علي ڪوسو، رحمان خان، گلاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: واپڊا جي نجڪاري خلاف ملازم احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

دڙو پرسان جوابدارن نوجوان کي گهائي قتل ڪرڻ بعد نازڪ عضوي ۽ ڪن کي ڪپي لاش وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيو

حضرت سخي شاهه بادشاهه جو ميلو گهمڻ لاءِ ويل ڳوٺ مير شاهه جو رهواسي 30 سالن جي نوجوان سيد پورل شاهه جي قتل جو المناڪ واقعو پيش آيو

نوجوان جو رسي جي مدد سان گهٽا ڏئي لاش ميلي جي ڀرسان زمينن ۾ ٻيئل وڻ مان هٿ آيو، مقتول نوجوان جو نازڪ عضوو ۽ سندس ڪن به ڪٽيل هو

اسان جي ڪنهن سان به دشمني ڪونهي، پٽ ميلو گهمڻ لاءِ ويل هو، ظالمن بيدردي سان منهنجي پٽ کي قتل ڪيو آهي، جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي : وارث

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان قتل جو وحشيانو واقعو..!! جوابدارن نوجوان کي گهٽا ڏئي قتل ڪرڻ بعد سندس نازڪ عضوي ۽ ڪن کي ڪپي لاش وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيو. ٻنون پوليس باران لاش برآمد، پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيس داخل نه ٿيو تفصيل موجب دڙو پرسان حضرت سخي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سنڌ جون زمينون ٻين ملڪن حوالي ڪرڻ جي ضرورت ناهي : اياز لطيف پليجو

سنڌ جون زمينون پيٽرول، مارٻل يا ٻيا وسيلا ڏيڻ جو اختيار نگران حڪومت کي ڇا پر چونڊيل حڪومت کي به ناهي

جيڪڏهن حڪومت چاهي ٿي ته سنڌ جون سرڪاري زمينون آباد ڪجن ته اهي بي روزگار سنڌ جي هارين کي ڏين ته اهي آباد ڪن

پ پ سنڌ جا سمورا ادارا تباهه ڪري ڇڏيا آهن اسان سنڌ جي عوام کي سجاڳ ڪري رهيا آهيون

نوشهرو فيروز (منظور ملڪ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو مورو ۾ مختلف تعلقن تعلق رکندڙ ۽ ساجاهه وندن کي سنڌ جي ثقافت ۽ موجوده سياسي صورتحال تي ليڪچر پروگرام ۾ خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

مورو باءِ پاس دادو روڊ تي شهرين
چابي چور کي ماسٽر چابي سوڊو
سوگهو ڪري ورتو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) مورو باءِ پاس دادو روڊ تي شهرين چابي چور کي ماسٽر چابي سوڊو سوگهو ڪري ورتو مارڪٽ ڪرڻ بعد پوليس جي حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي سوگهو ڪيل چابي چور ڏ منهنجو نالو اڪبر چانديو ڳوٺ ليٽ ننگر چانديو جو رهواسي آهيان ۽ اها چابي منهنجي ناهي جڏهن ته موجود شهرين جو چوڻ هو ته هي موٽرسائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسان هڪ ٿي جي ڊي اي جي حڪومت ناهينداسين : لياقت جتوئي

16 منهنجي ڪنهن سان به ذاتي دشمني ناهي صرف نظرياتي اختلاف آهن

سال عوام کي چڪي ۾ پيسو ويو آهي پاڻي ، بجلي روڊ رستا ماڻهن کي ناهن مليا

ڪيترن ئي سالن کان وينل اقتدار جي نشي ۾ وينل هڪ ٽولي سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ جي ڊي اي ورڪر ڪنوينشن ٿيو جي ڊي اي ۾ شامل ٿيندڙ اڳوڻو سنڌ جو وزير لياقت علي جتوئي جو دادو ۾ دادو جي سٽيزن شادي حال ۾ ورڪر ڪنوينشن ڪڏجائي ٿيو جنهن ۾ اڳواڻن صفدر عباسي، مرتضيٰ جتوئي، قوم پرست اڳواڻ رياض چانڊيو منور علي جتوئي، سيد منير حيدر شاهه ڪريم علي جتوئي فاروق ملڪ نياز پرڙو امداد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ الهوڙايو سولنگي جي رهواسڻ عورتن پاران احتجاجي مظاهرو

جوابدارن اسان جي گهر ۾ گهڙي ڪري حملو ڪيو آهي، پٽ مهتاب کي بلاجواز ڏنڊا هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

منهنجا ۽ منهنجي نياڻين جا ڪپڙا ڦاڙي ليڙ ليڙ ڪري ڇڏيا آهن، اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪئي

معاملي جو نوٽيس وٺي بااثرن ۽ انهن جي سپورٽ ڪندڙ کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ الهوڙايو سولنگي جي رهواسڻ مسمات حسنا سولنگي نرما عرم بينظير سولنگي بااثرن جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪري نيشنل پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته لقمان، جاني، سلطان، ساجد، حفيظ، ماشوق، پڙهو، عاشق، گل سيٺي وينل ڳوٺ ولي محمد وسطڙو جا آهن انهن منهنجي پٽ مهتاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دولتپور پرسان پرائمري اسڪول
جي استادن، شاگردن ۽ والدين
پاران ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

دولتپور صفن (رپورٽر) دولتپور پرسان ڳوٺ حسين آباد جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي استادن، شاگردن ۽ والدين پاران ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو، ثقافتي تقريب ۾ خطاب ڪندي استاد غلام اصغر لغاري، ڪفايت لغاري، ظفر ٻگهيو، عادل لغاري، قدرت الله لغاري، انجنيئر محمد علي لغاري، نياز سنڌي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز: ڳوٺ الهوڙايو سولنگي جا رهواسي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي ۾ ڪرپشن جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي

هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد بدعنواني ۽ ڪرپشن جي نقصانن بابت عوام ۾ آگاهي ۽ شعور پيدا ڪرڻ آهي : سرڪل آفيسر

ڪرپشن هڪ ناسور وانگر آهي جنهن جون پاڙون پٽڻ لاءِ هر فرد کي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪرپشن اسان جي ادارن ۽ مُلڪ جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي، جنهن جو خاتمو وقت جي اهم ضرورت آهي

ٺٽو (ڊ ر) ڪرپشن جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي ضلعي انتظاميه ٺٽو پاران ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون محمد علي خواجه، سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن شاهنواز راڄپوتو جي اڳواڻي ۾ عوام ۾ ڪرپشن بابت آگاهي ۽ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان مڪلي پريس ڪلب تائين هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٺٽي پرسان ڪار ۽ گهارو ويندڙ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر

ڪار ۾ سوار هڪ ٻارڙي سميت 3 عورتون ۽ 2 مرد سخت زخمي ٿي پيا

ريسڪيو 1122 جون ايمبولينسون فوري طور تي حادثي واري هنڌ پهچي ويون

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ڪراچي نيشنل هاءِ وي گهارو شهر پرسان ڪوسٽ گارڊ چيڪ پوسٽ ويجهو ڪراچي کان ايندڙ ڪار ۽ گهارو ويندڙ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار هڪ ٻارڙي سميت 3 عورتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نئون ڪوٽ جي نجي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب

اسڪول ۾ ٻارڙن ثقافتي ويس پائي ٽيبلوز، تقريرون ۽ قومي گيت پيش ڪيو

قومي گيت پيش ڪري سنڌ جي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪيو ويو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ جي نجي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب منعقد، شاگردن جو قومي گيتن تي رقص، خبر موجب نئون ڪوٽ جي نجي انڊس پبلڪ اسڪول ۾ ٻارڙن ثقافتي ويس پائي ٽيبلوز تقريرون ۽ قومي گيت پيش ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئون ڪوٽ: ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪوٺايل تقريب ۾ شاگرد شريڪ آهن

ٺٽي ضلعي ۾ ٻيو دفعو ڪرپشن جو پڙاڏو

عوام کي مليل مڇردانين جا ٽوڪن ڏيپي جي حوالي ٿي ويا

پاڻ کي ايماندار سڏائيندڙ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جون دعوائون ڏوڙ

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي ۾ ٻيو دفعو ڪرپشن جو پڙاڏو. عوام کي مليل مڇردانين جا ٽوڪن ڏيپي جي حوالي ٿي ويا پاڻ کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گهوٽڪي ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پاران ميڊيڪل ڪئمپ قائم

هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي اسڪريننگ ۽ هيپاٽائيٽس بي کان بچاءَ جي ريڪسين پڻ لڳايون ويون

انشاءَالله اڳتي به ٻين شهرن ۾ اهڙي قسم جون طبي ڪيمپون لڳرائينداسين : اڳواڻ

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) گهوٽڪي طرفان ڊاڪٽر محمد نواز ڪلوڙ جي والد صاحب مرحوم خان محمد ڪلوڙ جي ياد ۾ ڳوٺ شهيدن مهر ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي، ڪئمپ ۾ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سنڌ کي مال غنيمت سمجهي لٽيو پيو وڃي : ايڊووڪيٽ جي ايم ڪرائي

سنڌ کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي نگران حڪومت فوري فيصلو واپس وٺي

ڪراچي تي مڪمل طور ڌارين جو قبضو آهي ڌاريا ڪراچي کي الڳ ڪرڻ ۾ رڌل آهن

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) سنڌ کي مال غنيمت سمجهي لٽيو پيو وڃي سنڌ جي زمين تي قضو ڪرڻ نه ڏينداسين ايڊووڪيٽ جي ايم ڪرائي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي: وڪيل سنڌ جي هزاري ايڪڙ زمين رياست جي هڪ اداري کي ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نگران حڪومت سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون کپائي رهي آهي : سيد زين شاهه

اليڪشن ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڊي اي سان گڏجي اليڪشن وڙهي رهي آهي

سنڌي قوم کي گهرجي ته ته پيپلزپارٽي جهڙي ننگ پارٽي کي ووٽ ڪرڻ کان پاسو ڪري

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي مرڪزي صدر سائين زين شاهه جي حڪم تي پوري سنڌ جيان ضلعي اولهه ڪراچي پاران سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي 17 هين يوم تاسيس اڄ 09 ڊسمبر تي ضلعي ۾ اڳواڻن ۽ ڪارڪن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر ۾ پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران احتجاجي مظاهرو

اداري جي امڪاني نجڪاري ۽ ملازمن سان ٿيندڙ انتقامي ڪاروائين خلاف سرڪل آفيس کان ريلي ڪڍي وئي

بدقسمتي سان اداري کي ڪانگائڻ لاءِ ملازمن کي بيروزگار ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي : مظاهرين جون ڳالهيون

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين (سيپڪو) سکر پاران سيپڪو ملازمن جي وڏي انگ اداري جي امڪاني نجڪاري ۽ ملازمن سان ٿيندڙ انتقامي ڪاروائين خلاف سرڪل آفيس کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر: سيپڪو ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين واسي نوجوان پرڪاش ميگهواڙ خودڪشي ڪري ڇڏي

نوجوان پرڪاش ولد ڊاڪٽر لال چند ميگهواڙ حيدرآباد ۾ زندگي جو ڏيئو اجهايو

خودڪشي ڪرڻ جا ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي شهر ملڪاڻي شريف جو رهواسي ڳپيرو نوجوان پرڪاش ولد ڊاڪٽر لال چند ميگهواڙ حيدرآباد ۾ پنهنجي جي او آر ڪالوني واري رهائش گاهه تي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته. وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ضلعي انتظاميه ٺٽي ۽ ٽرانسپرينسي انٽرنيشنل پاڪستان پاران ريلي

09 ڊسمبر ڪرپشن کان پاڪ معاشري جي عنوان سان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

رشوت معاشري جي تباهي جو سبب بڻجي سگهي ٿي ان ڪري ان جو خاتمو تمام ضروري آهي : اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽر) ضلعي انتظاميه ٺٽي ۽ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان پاران 09 ڊسمبر ڪرپشن کان پاڪ معاشري جي عنوان سان سول اسپتال مڪلي کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، اسسٽنٽ ڪمشنر مڪلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر ۾ ڪرپشن خلاف آگاهي مهم جي سلسلي ۾ واڪ ريلي

رشوت جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي حوالي سان اينٽي ڪرپشن ڪاٽي سکر پاران رشوت خوري جو خاتمو، نئون نسل بچايو جا نعرا

ڪرپشن هڪ آفت آهي، ان جي خاتمي لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، جاڪان نه ڪو به ڪم ممڪن ناهي : اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڪرپشن خلاف آگاهي مهم جي سلسلي ۾ ميناره روڊ کان سکر پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ان سلسلي ۾ رشوت جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي حوالي سان اينٽي ڪرپشن ڪاٽي سکر پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر: ڪرپشن خلاف آگاهي مهم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي ڏئي وڃي

دادو ۾ اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي عوام ۾ رشوت جي خاتمي لاءِ ريلي

رشوت جي خاتمي لاءِ اڄ جي دور ۾ خاص ڪري نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي : اڳواڻ

آئنده جي نسلن ۾ رشوت جي حوالي سان ڄاڻ ۽ شعور پيدا نه ٿيندو ته ٿيندڙ مستقبل ۾ رشوت ۾ گهٽتائي اچڻ نه ممڪن آهي

مستقبل ۾ سنا شهري ، آفيسر ۽ استاد ئي ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ضلعي انتظاميه دادو پاران اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي عوام ۾ رشوت جي خاتمي لاءِ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ريلي جو اهتمام ڪيو ويو تفصيل موجب ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو دادو سميع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو: اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي ريلي ڪڍي پئي وڃي

اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي : امتياز احمد شيخ

پيپلز پارٽي حڪومت پي ايس- 7 شڪارپور جي ترقي لاءِ مثال ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، هر شعبي ۾ بهتري لاءِ ڪم ڪيو آهي

لوڊرا فائق شاهه جو جلسو هتي ٿيو آهي پر رانهيات سلطان ڪوٽ مان اچن ٿا، اجان ڪوڙ رانهيات ڪيئنداسين

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اليڪشن مهر جي حوالي سان پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ جو پي ايس ست جي علائقي لوڊرا ۾ سيد برادري جي معزز شخصيت سيد فائق حسين شاهه پاران جلسو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ پي ٽي آئي ڊسٽرڪٽ جنرل سيڪريٽري سيد فائق حسين شاهه پي ٽي آئي ۽ آغا تيمور خان ڇڏي امتياز احمد شيخ صاحب تي اعتماد جو اظهار ڪندي، برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ حاجي رمضان تگڙ جا رهواسي پريس ڪلب پهچي ويا، احتجاج

محمد صديق تگڙ پنهنجي پٽن امتياز علي، ڏاگنو پائين عاقب علي ۽ گهرواري مومل خاتون ۽ ڏرين سميت احتجاج ڪيو

جوابدارن ڪليڪشن ڪوف لنيون ڏنڊا کڻي منهنجي گهر تي حملو ڪري منهنجي پٽن ڏيرڻ کي زخمي ڪيو : مظاهرين

اڄ صبح اسان جي گهرن تي فائرنگ گهر ڪان نڪرڻ نه پيا ڏين هي وڏا ڏوهاري ماڻهو آهن جوريون ڦرون ڪندا آهن

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ حاجي رمضان تگڙ جا رهواسي رٽائرڊ ريٽجرس جي رٽائرڊ آفيس محمد صديق تگڙ پنهنجي پٽن امتياز علي، ڏاگنو پائين عاقب علي ۽ گهر واري مومل خاتون ۽ ڏرين سميت نيشنل پريس ڪلب تي اچي ڏانهند ٻڌايو ته مان حيدر آباد هيس هر هڪ نالي سرور تگڙ خالد تگڙ زاهد تگڙ_علي گل جاڙو خان ۽ ٻيا ڪليڪشن ڪوف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: ڳوٺ حاجي رمضان تگڙ جا رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

سکر: مهراڻ يونيورسٽي جي
انجنيئرنگ جو شاگرد خيرپور ڪان گهر
سڪر ايندي مبينا لاپتا ٿي ويو

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي قريشي ڳوٺ جو رهواسي عبدالحنان قريشي ولد انجنيئر اختيار قريشي جو پٽ مهراڻ يونيورسٽي ۾ انجنيئرنگ جو شاگرد يونيورسٽي کان واپس گهر ايندي رستي مان مبينا طور لاپتا ٿي ويو آهي جنهن جو فون نمبر ب بند وڃي پيو گهر نه پهچڻ بعد والد تصديق ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي اڳواڻن جو اهم اجلاس

اڳوڻو وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه، اڳوڻو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ ٻيا شريڪ

مياں والي جو موالي چوي ٿو اڳلا وزير اعظم مين بنون گا هاڻي هڪ لاهور جو لوهار آيو آهي : اڳواڻ

لاڏن لاءِ اليڪشن ۾ دير ڪئي ويندي نئون لاڏلو صرف ڪمرن ۾ ويهي ميٽنگ مٿان ميٽنگ ڪري رهيو آهي

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) رائل پيلس جي مقامي هال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي اڳواڻن جو اهم اجلاس اعظم شهيد بينظير ڀٽو جي يوم شهادت جي سلسلي ۾ اجلاس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو اڳوڻو وفاقي وزير سيد مراد علي شاهه اڳوڻو وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه اڳوڻو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، اڳوڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جهڏو جي بوائز هاءِ اسڪول ۾ رنگا رنگ ايڪتا تقريب منعقد

استادن ۽ سوين شاگردن پاران پنهنجو ثقافتي ويس سنڌي ٽوپي اجرڪ پٽڪا پائي شرڪت

سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت هزارين سال پراڻي آهي اسان کي پنهنجي ثقافت تي فخر آهي : اڳواڻ

هن سال اسان اچو ته نئين سنڌ اڏيون جي سري هيٺ ايڪتا ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون

جهڏو (رپورٽر) جهڏو جي بوائز هاءِ اسڪول ۾ رنگا رنگ ايڪتا تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسڪول جي استادن اياز ڪوسو، محمود روشن سميت ٻين استادن ۽ سوين شاگردن پاران پنهنجو ثقافتي ويس سنڌي ٽوپي اجرڪ پٽڪا پائي شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جهڏو: بوائز هاءِ اسڪول ۾ منعقد ثقافتي تقريب ۾ استاد ۽ شاگرد شرڪت ڪري رهيا آهن

بدين جي سينئر ڊاڪٽر چيسٽ
اسپيشل ڊاڪٽر عثمان سومرو جو
نوجوان پٽ فوت ٿي ويو

بدين (ڊ ر) بدين جي سينئر ڊاڪٽر چيسٽ اسپيشل ڊاڪٽر عثمان سومرو جو نوجوان پٽ 25 سالا انجنيئر اياز لطيف سومرو جرمن جي شهر ۾ حادثي جو شڪار ٿي ويو. تفصيل موجب نوجوان انجنيئر اياز لطيف سومرو چه مهينا اڳ جونيئر اسڪول ٽيچر طور نوڪري ڇڏي وڌيڪ پڙهائي لاءِ اسڪالرشپ تحت جرمني ويو هو . پنج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار جي ڪرسي کي ٺڏي ڇڏيو : خورشيد شاهه

اسان ڪڏهن به پنهنجي لاءِ اقتدار جي جنگ ناهي وڙهي محترمه بينظير ڀٽو عوام لاءِ جان جي قرباني ڏني

پ پ جي شهادتن جي عيوض ملڪ کي جمهوريت ملي ، محترمه بينظير ڀٽو هڪ بهادر ليڊر هئي

ملڪ جي معيشت ڪراچي مان هلي ۽ پاڪستان جي معيشت وري ملتان مان هلي ٿي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سيد خورشيد احمد شاهه جو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اسان ڪڏهن به پنهنجي لاءِ اقتدار جي جنگ ناهي وڙهي محترمه بينظير ڀٽو عوام لاءِ جان جي قرباني ڏني پ پ جي شهادتن جي عيوض ملڪ کي جمهوريت ملي , محترمه بينظير ڀٽو هڪ بهادر ليڊر هئي جنهن ڊڪٽيٽرن سان مهاڏو اٽڪايو. شهيد ذوالفقار علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

راڻيپور پرسان گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول جان محمد وندير ۾ ثقافتي تقريب

تقريب ۾ شاگردن جي وچ ۾ سنڌي ثقافت جي عنوان سان تقريري ۽ ڪوئيز جا دلچسپ مقا بلا ٿيا

تقريب دوران شاگردن مزاحيه ۽ اصلاحي خاڪا پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو

اهو پيغام ڏيڻ ٿا چاهيون ته هميشه اها قوم دنيا جي نقشي تي وڌيڪ عرصو زنده رهندي آهي : اڳواڻ

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور پرسان گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول جان محمد وندير ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ شاگردن جي وچ ۾ سنڌي ثقافت جي عنوان سان تقريري ۽ ڪوئيز جا دلچسپ مقا بلا ٿيا جڏهن ته شاگردن مزاحيه ۽ اصلاحي خاڪا پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو ڪامياب شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ اسڪول جي هيڊ ماسٽر عرفان سهتو ،ايف اي استاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

راڻيپور: بوائز ايليمينٽري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ۾ شاگرد ۽ استاد شريڪ آهن

حيدرآباد ۾ آل پاڪستان واپڊا
هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز
يونين پاران احتجاج

حيدرآباد (رپورٽر) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سي بي اي حيدرآباد سنڌ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون عبداللطيف نظاماڻي، اقبال خان، اعظم خان، نعيم خان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو هنن چيو ته حڪومت بجلي کي وڪرو ڪرڻ لاءِ تيار آهي ڪانٽريڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ريتي ۾ سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ کي ريتي پوليس جا عملدار ڏينهن ڏٺي جو ڦٽ

بلڊنگ مان نڪرندڙ سرون سريا، ٽيئر گارڊر ۽ پيولڪين روپين جو سرڪاري سامان وڪرو ڪرڻ لڳا

سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ جي پيچ ڊاهه ڪري بلڊنگ مان نڪرندڙ سامان شهر جي ڪباڙين کي وڪرو

اسان کي ڪا به خبر ناهي نه وري ريتي پوليس اسان کان سرڪاري اسپتال جي عمارت کي ڊاهڻ جي اجازت ورتي آهي : ڊي ايڇ او

گهوٽڪي (رپورٽر) ريتي ۾ سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ کي ريتي پوليس جا عملدار ڏينهن ڏٺي جو ڦٽ ڪرائي بلڊنگ مان نڪرندڙ سرون، سريا، ٽيئر گارڊر ۽ پيولڪين روپين جو سرڪاري سامان وڪرو ڪرڻ لڳا، صحت کاتو بي خبر بٽيل ريتي شهر جي سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ جي پيچ ڊاهه ڪري بلڊنگ مان نڪرندڙ سامان شهر جي ڪباڙين کي وڪرو ڪرڻ لڳا شهر واسين جو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 10 ڊسمبر 2023ع

ملڪي اثاثن ۽ ادارن کي وڪڻڻ بدران هلائڻ جي اهليت پيدا ڪئي وڃي!

نائين بابت اڳوڻي وفاقي وزير مفتاح اسماعيل ريلوي جي خساري جا انگ اکر ڏنا آهن ۽ ان کي "بهتر بنائڻ" لاءِ ڪجهه صلاحون به ڏنيون آهن. توڙي جو اهي صلاحون "سر وڃائڻ واريون صلاحون" آهن. جنهن ۾ موصوف ريلوي جي پٽڙين سميت خانگائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. ٻر خساري جي انگ اکر ڪرڪنائيڊ آهن. سندس چوڻ موجب: گذريل سال حڪومت ريلوي جي آپريشنل نقصان جي پورائي لاءِ 45 ارب روپيا ۽ مجموعي طور تي 70 ارب روپين جي ترقياتي خرچن لاءِ اضافي 25 ارب روپيا ڏنا. ان کان هڪ سال اڳ 59 ارب ۽ ان کان به هڪ سال اڳ 56 ارب روپيا ڏنا ويا. گذريل 15 سالن دوران عوامي ٽيڪسن جي ناڻي مان 783 ارب روپين جي سبسڊي ڏني وئي، جڏهن ته ان جي موجوده ماليت هڪ هزار ارب روپيا آهي. ناڻي واري اڳوڻي وزير اهو پڻ انڪشاف ڪيو ته ٽرڪ ذريعي هڪ ڪلوگرام ڪارگو کي منتقل ڪرڻ تي ايندڙ ڊيزل جو خرچ ٽرين جي پيٽ ۾ ٽيڻو آهي. ان جي باوجود به پاڪستان ريلوي ٽرڪن کان وڌيڪ معاوضو وٺي ٿي. مفتاح اسماعيل موجب: سهولتن کي بهتر بنائڻ ۽ خسارو گهٽائڻ بدران بيوروڪريسي چاهي ٿي ته، حڪومت نون ٽريڪس لاءِ وڌيڪ 7 ارب ڊالر قرض وٺي.

نجڪاريءَ جي نالي ۾ ملڪ جا اثاثا وڪڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ٿي رهيون آهن. جن ۾ پي آءِ اي ۽ ريلوي ڀهرئين نشاني تي آهن. ڪي ادارا رات وچ ۾ ناهن ٺهندا. انهن جي ترقيءَ ۽ اوسر تي به عوامي ناڻو ۽ توانائي خرچ ٿيندي آهي پر اسان جا منتظمين انهن کي وڪڻي "نجات" حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. پاڪستان ريلوي کي هٽ سان تباهه ڪيو ويو آهي. هڪ منظم رٿابنديءَ سان نندين ريلوي اسٽيشنون بند ڪيون ويون. ريلوي جون پٽڙيون "فائونڊرين" ۾ ڳاري پنهنجي ذاتي ڪاروبار ۾ ڪتب آنديون ويون. ريلوي جي گهٽي ڪمائي گڊز ٽرينن ذريعي ٿيندي هئي، جنهن کي گهٽائي اهو ڪم هڪ وڏي "لاجسٽڪ" ڪمپنيءَ جي حوالي ڪيو ويو. اها ڳالهه به عالم آشڪار آهي ته ريل انجڻين جي خريداريءَ ۾ ڪرپشن ٿي ۽ ناڪارا انجڻيون نقصان ۽ حادثن جو سبب بڻجنديون رهيون. ٽرانسپورٽرز مافيا کي فائدو ڏيڻ ۽ ان کي لامحدود منافعي جا نوان نوان موقعا ميسر ڪرڻ لاءِ منظم نموني سان ريلوي کي نقصان ڏيندي ريلوي ٽائيم ٽيبل ۾ تبديلي ڪئي وئي، گهٽ روينيو ڏيندڙ اسٽيشنن تان ٽرينن جا اسٽاپ ختم ڪيا ويا. جنهن ڪري فائدي ۾ هلندڙ ٽرينون نقصان ۾ وڃڻ لڳيون. ريلوي سسٽم کي صرف هڪ صوبي جي مفادن تائين محدود ڪيو ويو. سنڌ ۾ ڪوٽڙي- دادو لائين، حيدرآباد- بدين لائين ۽ حيدرآباد- ميرپورخاص لائين کي بند ڪيو ويو. مطلب ته منظم رٿابنديءَ سان ريلوي تي جون "آخري رسمون" ادا ڪرڻ جو پورو اهتمام ڪيو ويو ۽ ڪرپشن ريلوي جا ڦاٽڪ ٽوڙي اندر داخل ٿي وئي. اهڙي ريت خانگي شعبي کي ريلوي ۾ 'انٽري' ڏني وئي.

سڄو عالم اوپارو آهي پر لوڪ جي ابتڙ اسان لهوارا آهيون. دنيا جي ملڪن ۾ ريل جو سفر سستو ۽ محفوظ سفر سمجهيو وڃي ٿو. مختلف ملڪن ۾ بهتر سهولتن واريون تيز رفتار بُلٽ ٽرينون هلي رهيون آهن. جتي ڏينهون ڏينهن ان سفر کي وڌيڪ محفوظ ۽ تيز ترين بڻايو پيو وڃي. زير زمين ريلوي سرشتو ڪم ڪري رهيو آهي. پر اسان وٽ ريلوي سرشتو ڏينهون ڏينهن اڳتي وڃڻ بدران پٺتي پيو وڃي. اسان اڳ به اها ڳالهه چوندا رهيا آهيون ته، هتي رڳو ٽرينون ئي پٽڙيءَ تان نه لهن، سڄو ڪاتوئي پٽڙيءَ تان لٿل آهي. انگريزن نندي ڪنڊ ۾ ريلوي جو ڄار وڇايو. انهن جو مقصد ڪٿي عوام کي سفري سهولتن کان وڌيڪ پنهنجي بيٺڪي مقصدن جي تڪميل هو. پر ان ڳالهه کان بهرحال انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته، نندي ڪنڊ کي ريلوي سرشتي جي جديد سهولت ملي ۽ ماڻهن کي سستي ۽ محفوظ سفر جي سهولت ميسر ٿي. ريلوي نظام سان هڪ سڄو سارو ڪلچر وابسته رهيو. پر پوءِ هٽ وٺي هڪ اهم سرشتي کي ناڪام بنائڻ جي ڪوشش جي شروعات ٿي ۽ جنهن جو نتيجو وڏي تباهيءَ جي صورت ۾ سيني جي سامهون آهي. اسان اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته ادارن کي رٿابنديءَ سان خساري جي کڏ ۾ اڇلائڻ بدران انهن کي هلائڻ جي اهليت پيدا ڪئي وڃي.

ڊيم سمورا نامنظور وڏن ڊيمن خلاف آمريڪي عوام جي ڪامياب تحريڪ

جاويد ڀٽي

"ڊيم سمورا نامنظور"– سنڌ ان نعري هيٺ تمام وڏي جدوجهد ڪئي آهي. ڪيترين ئي لانگ مارچون ٿيون. تحريڪون هليون، ڪتاب ڇپيا ۽ اعليٰ عدالتن ۾ ڪيس به هليا. ان جدوجهد سان پوري ملڪ جي سياسي هلچل ۾ هڪ نوان ۽ آئي پر اسان جي حڪمرانن جي ڪن تي جون به نه چريون. البته هن جي ... سان ڳالهه پوري دنيا ۽ ٻين قومن به تاريخي جدوجهد ڪئي ۽ ڪندا رهيا آهن پر اسان جي ميڊيا ۾ انهن جو ذڪر گهٽ ئي ٿو ٿئي. آمريڪا، برطانيه، فرانس، جرمني ۽ ٻين ملڪن ۾ وڏن ڊيمن کي ڊاهي ٻيهر درياهن کي ... ماڻهن ۽ وڏن ڊيمن جي ڊاهڻ لاءِ سالن ڪئي آهي. انهن نه صرف احتجاج ڪيا پر ان کان گڏوگڏ پنهنجن عدالتن ۾ به جنگ وڙهي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هاڻ حڪومت درياهن جا وهڪرا بحال ڪرڻ لاءِ وڏن وڏن ڊيمن کي ڊاهڻ شروع ڪيو آهي. ان حوالي سان آمريڪي رياست ڪيليفورنيا جي يورڪ قبيلي جي ميمبر ۽ ماهيگيري ڪاتي جي ڊائريڪٽر بيري ميڪ ڪووي جو چوڻ آهي ته، "آئون هر سياري جي موسم ۾ ڪيليفورنيا جي سڀ کان وڏي درياهه ڪيلمٿ تي سالمن مڇي جي شڪار لاءِ ويندو آهيان. جتان 30 کان 40 مڇيون شڪار ڪري کڻي ايندو آهيان. اهو ايترو آنگ آهي جنهن سان سڄي سال جو خرچ نڪري ايندو آهي. پر 1978ع کان ان درياهه ۾ مڇي اڇڻ محال ٿي وئي. ان جو مک ڪارڻ 1918ع کان 1962ع تائين ان درياهه تي ناهيل ڪيترائي ننڍا وڏا ڊئم آهن. جن سان مڇين پنهنجا رستا مٽائي ڇڏيا ۽ اسان جو روزگار بند ٿي ويو. جنهن سبب هزارين نه پر لکين ماڻهن جي لڏپلاڻ ٿي. هاڻ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مقامي ماڻهن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ حڪومت تاريخ جي سيني کان وڏن ڊيمن کي ختم ڪرڻ واري منصوبي تي ڪم شروع ڪيو. جنهن سان 400 ميلن تائين مڇين جي رستي کي بحال ڪرڻ لاءِ 4 ڊيمن مان ڀهرئين کي ڊاهڻ شروع ڪيو. جيڪو نومبر ۾ پورو ٿيو. پو ٻين ڊيمن کي به ڊاهي درياهن جا اصلوڪا وهڪرا بحال ڪيا ويندا". هن چيو ته، "ڊيم ڊاهڻ وڏي ۾ وڏو قدم آهي. ان سان ڪيلمٿ درياهه جو ماحولياتي نظام به بحال ٿي ويندو ۽ اسان جون ختم ٿيل ڀهراڙيون وري بحال ٿينديون. ماڻهو موٽ ڪائيندا. درياهه ۾ پاڻي اچڻ سان زراعت شروع ٿيندي. وڻ ولايار ٿيندو. جانور اچڻ شروع ٿيندا ۽ هڪ نئين ماحولياتي دنيا وري بحال ٿي ويندي".

اصل ۾ هي اهو موت آهي. جنهن ان تبديلي کي جنم ڏنو هزارين سالن کان ڪيلمٿ درياهه يورڪ ثقافت جو جز رهيو آهي. جيڪو اتان جي ماڻهن کي وڏين مڇين ۽ ٻين ڪيترن ئي فصلن وارو روزگار فراهم ڪندو آهي. پر 20هين صدي جي شروعات ۾ ڊيمن درياهن جي وهڪرن ۾ رنڊڪون وڌيون. پاڻي کي روڪي بجلي ۽ ٻئي مد ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ ذخيرو ڪرڻ شروع ڪيو ويو. ان بيٺل پاڻي جا سوين نقصان به آهن. ان جي

وهڪري جي طاقت گهٽجي ويندي آهي. گرمي گهٽجي ويندي آهي. ان مان آڪسيجن گهٽ ٿي ويندي آهي. ان سان پاڻي جو معيار خراب ٿيندو آهي ۽ وڏي ڳالهه ته ان پاڻي ۾ وري هر قسم جي مڇين جي ... پيدا ٿي ويندا آهن. ... اهو خطرو 2002ع ۾ هڪ وڏي بحران جي شڪل اختيار ڪري ويو. هر طرف ڏڪار ڇانئجي ويو. ... شروع ڪيو ته ماڻهن جون معاشي حالتون خراب ٿينديون ... پاڻي تي بندش کي "ڳوٺائي نسل ڪشي" قرار ڏنو ويو. ماڻهن "جيڪ ڊيو" جا نعرا هڻڻ شروع ڪيا. ... "آمريڪي بيورو آف ريڪليميشن" انهن ڊيمن مان زرعي شعبي کي وڌيڪ پاڻي ڏيڻ شروع ڪيو. پر ان فيصلي سان درياهي سطح گهٽجي وئي. هڪ آمريڪي سرڪاري رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ان قدم سان 70 هزار سالمن مڇيون مري ويون. ڇو جو آبادي ۾ بيماريون ڦهلجي ويون هيون. اهو هڪ اهم موڙ هو. جنهن يورڪ قبيلي کي درياهه جي ماحولياتي نظام ۽ پنهنجي ڀهراڙي واري زندگي کي بچائڻ لاءِ تحرڪ ۾ آندو. چئن سالن بعد 2006ع ۾ هائيڊرو اليڪٽرڪ ڊيمن جي لائسنس جو مدو پورو ٿي ويو. ڪيلمٿ درياهه جي رينيوول ڪارپوريشن (KRRC) جي سي اي او مارڪ برانسر جو چوڻ آهي ته ان اين جي او اسان کي هڪ نئون موقعو فراهم ڪيو. ماهيگيري جي تحفظ جي حوالي سان انهن ڊيمن واري يوٽيلٽي ڪمپني کي يا ته معاشي تحفظ جي حوالي سان ڊيمن کي اپگريڊ ڪرڻو هو يا وري هو ان حوالي سان ڪو نئون معاهدو ڪن. اهو هڪ وڏو معاشي بريڪ ٿرو هو ان ڪمپني کي خبر هئي ته ماڻهن کي جديد ماحولياتي سهولتون ڏيڻ لاءِ پنهنجي پلان ۾ ترميم ڪرڻي پوندي. پر يوٽيلٽي ڪمپني سيٽلمينٽ جي چونڊ ڪئي. ڪي آر آر سي کي 2016 ۾ ڪيليفورنيا ۽ ريگون جي رياستي حڪومتن سان گڏجي ڊيمن کي ڊاهڻ لاءِ ناهيو ويو هو. ان معاهدي جي منظوري 2022 ۾ ڏني وئي جنهن کي "واٽر شيڊ" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

آمريڪا جي فيڊرل انرجي ريگيوليٽري ڪميشن (FERC) ماحولياتي نظام کي بچائڻ سان گڏوگڏ مقامي ڳوٺائن کي فائدو ڏيڻ واري معاملي تي وڏي بحث بعد انهن ڊيمن کي ڊاهڻ جي حق ۾ متفقه ووٽ ڏنو. ايف اي آر سي جي چيئرمين رچرڊ گلڪ ان فيصلي جو اعلان ڪندي هڪ عوامي ميڙاڪي ۾ چيو ته، "ڪميشن ڪيترن سالن کان اسان جي فيصلن تي ڪو غور ڪيو آهي پر هاڻ جيڪي قدم کنيو آهي. ان ۾ به اڃان هڪ رستو باقي آهي پر مون کي لڳي ٿو ته ان طرف به اسان درست پيش رفت ڪري رهيا آهيون". برانسر چيو ته ڪميشن جي چيئرمين جو اهو "حقيقي

"انڪشاف" هو. جنهن بنا روڪ ٽوڪ جي ان غلطي جو اعتراف ڪري ورتو تاريخ ۽ اهو بهترين پيسو آهي جو ڪنهن آمريڪي ڪمپني جي سربراهه اهڙو اعتراف ڪيو آهي. جيڪا اسان جي وڏي ڪاميابي آهي." يورڪ قبيلي جي هڪ هاريائي، ان تحريڪ ۾ ڳوٺائن واري ... "بيشڪ ذهنيت ۽ نسل پرستي جي ان جي ڊاهڻ کان روڪڻ لاءِ ڪوشان آهي. ڊيم ڊاهڻ جي ڪير به يقين نه ڪندو هو. اهو انهن نظرين جي خلاف هو. جن سان ڪيترين آمريڪن ڪمپنين جي پرورش ٿي آهي. اسان ان آمريڪي قدر جو مقابلو ڪيو ته 'قطرت انسان جي خدمت لاءِ حاضر آهيون'. اهي غير معياري قدر اسان جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ هئا. ماڻهن. پنهنجي قانون نه هو پر اها هڪ ذهنيت هئي".

ڪورڊاليس جو چوڻ آهي ته، "اهو ڪيلمٿ درياهه صرف هڪ پاڻي جو وهڪرو ناهي، اهو اسان جو مائٽ، پاڻهن ٻيلي زندگي جو سهارو آهي. ان درياهه جو پنهنجو هڪ روح آهي. ان درياهه 2019ع ۾ يورڪ حڪومت تي قانوني دٻاءُ وجهڻ ۾ مدد فراهم ڪئي. جنهن اسان کي حق جي جنگ وڙهڻ جي سگهه ڏني. 2018ع ۾ مان ڪي آر آر سي جي بورڊ جي ميمبر ٿيس. اسان جي خاندان تي گهٽ دٻاءُ وڌو ويو. اسان گهٽيون سختيون برداشت ڪيون. معاشي بدحالي کي منهن ڏنو. اسان جي ٻارن کي سفيد نسل واري معاشري ۾ ڏکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اسان جي ڀهراڙين کي ختم ڪري هڪ نئين رهائشي نظام ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ پر نيٺ اسان ڪامياب ٿياسين".

ڪورڊاليس موجب: "منهنجي ڇاڇي آوڪ ريمنڊ ميٽز کي 1969ع ۾ ان تحريڪ جي حوالي سان گرفتار ڪيو ويو. اسان سپريم ڪورٽ وڃي ويڙهه ڪئي ته مڇيون مري رهيون آهن. اسان جي ڪاري نسل کي اڄو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ڀهرين ڪوبڪو 2 نالي ننڍي ڊيم کي جون ۾ ڊاهڻ شروع ڪيو ويو ۽ اهو ڪم نومبر ۾ پورو ٿيو. آبي گذرگاهه جو بحال ٿيا ته الاءِ ڪٿان ڪٿان جا پکي اچڻ شروع ٿي ويا. ڊيمن پرسان وڏن وڏن پهاڙن جا رنگ ئي بدلجي ويا. ائين پيو لڳي جڻ انهن کي صدين بعد ڌوتو ويو آهي. هاڻ باقي ٻين ٽن ڊيمن کي ڊاهڻ جو ڪم شروع آهي. جن کي 2024ع جي آخر تائين مڪمل ڪيو ويندو. پر سالمن آبادي کي بحال ڪرڻ ۾ اڃان به گهڻيون رڪاوٽون موجود آهن. موسمي تبديلي پاڻي کي گرم ڪري رهي آهي. جهنگن ۽ ٻيلن ۾ لڳندڙ باهه. طوفاني ٻوڏون درياهه کي گند ڪچري سان آلوده ڪري رهيون آهن. ربڙ جي ٽائرن کي آبي گذرگاهن ۾ ڊوڙڻ جو سلسلو جاري آهي. جنهن جا زهريلا ذرا آبي جيوت کي ماري رهيا آهن. جيڪڏهن اسان ڊيم ڊهرائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي وياسين ته به پنهنجا درياهه ۽ آبي ذخيرا بچائڻ لاءِ به وڏي جنگ جوٽڻي پوندي."

> تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي:
> 'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَرُوڙِج بات:
> هَٿِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جي.

٢٠٢٣ زراعت لاءِ ڳرو سال!

غلام حسين لغاري

2023 وارو سال انتهائي پڄاڻي طرف آهي جڏهن ته 2024 وارو سال اميدن آسرن جي نئين روشني سميت جلوآگر ٿيندو پراڻو سال سنڌ جي زراعت ۽ آبادگارن تي ڳرو ثابت ٿيو جنهن جو مثال ماضي ۾ نٿو ملي زرعي معيشت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو جو حڪومت وقت زراعت جي واڌاري ۽ ان کي درپيش مسئلن تي ضابطو آڻڻ يا حل ڪرڻ ۾ بري طرح ناڪام رهي انجو اهو به سبب سامهون آيو ته اتحادي حڪومت جي توجهه مخالفن کي انتقامي ڪاروايون جو نشانو بنائڻ ۽ پنهنجي مفاد وارن قانونن ناهڻ ۾ لڳل رهي ملڪ ۽ عوام ڪاٺس وسري ويو

2023 وارو سال وچولي ۽ ننڍي آبادگار کي ذهني طور مفلوج رکيو جو ڪيميائي ڀاڻ پنهنجي جاءِ تي انتهائي بليڪ تي وڪرو ته ٿيو پر اهو به اٿلپ جيڪو عام آبادگار جي پهچ کان ٻاهر رهيو سارين روئيتڻ ڪٽڪ جو فصل ته متاثر ٿيو پر ميون ڀاڄين جي پيداوار کي به ڪاپاري ڌڪ لڳو جنهن سان ننڍو آبادگار وڌ کان وڌ متاثر ٿيو روينيو جي ڪامورن وڏن وڏن ڪاروباري ماڻهن ۽ ڪمپنين پنهنجا پيٽ ۽ گودام ته ڀريا پر عام آبادگار جي ڪک ڀن ويلن جي ماني لاءِ به پريشان رهي هن ڏس ۾ زراعت کاتي جا بيوس آفيسر ته معطل ٿيا پر روينيو جي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن جو وار به ونگو نه ٿيو جو انهن ڀاڻ مهيا ڪندڙ ڪمپنين واپارين ۽ ڊيلرن جي پوري ريت سهولتڪاري ڪئي 2023 وارو سال انهي ڪري به ڳرو رهيو جو آبادگارن کي پوکي لاءِ وقت سر پاڻي ملي نه سگهيو جنهن جا مک ڪارڻ اهي به رهيا جو 2022 جي برساتن ۽ ٻوڏن سبب تباهه حال ڪئنال شاخون ۽ واٽر ڪورس وقت سر بحال ٿي نه سگهيا ۽ پڇڙي تائين پاڻي نه پهتو ٿورو گهڻو جيڪو به پاڻي هو سو به سرڪاري سرپرستي هيٺ رهندڙ وڏيرن وڏن زميندارن پوتارن کي مليو انهن استعمال ڪيو جيڪي خوشحال رهيا باقي ڪنگال رهيا پوءِ به چون ته اهي عام ماڻهو عام آبادگار جي خوشحالي جا رکوالا آهن حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ پاڻي جي ڪا به کوٽ ناهي صرف صحيح انتظام ۽ ورهاست جو فقدان آهي ڪئنال شاخون ۽ واٽر ڪورس پڪا ڪريو پاڻي جو زيان بند ٿي ويندو پڇڙي تائين به پاڻي پهچندو سنڌ ۾ جيڪي به ريگيوليٽر آهن سي به مدي خارج آهن تن جي مرمت جي به سخت ضرورت آهي جو هي بئراج تي قائم ڪاري موري ۾ هڪيٽي بويان به ڳهارا پوڻ ۽ جوهي تعلقي ۾ زرعي بحران به تباهي آڻيندو

2023 وارو سال زراعت ۽ آبادگارن لاءِ انهي ڪري به ڳرو رهيو جو سنڌ ۾ مارڪيٽنگ جو نظام صحيح نه هجڻ ۽ ڪارخانيدارن جي من ماني سبب آبادگارن کي ڪٽڪ سارين ۽ ڦٽين جا اگهه صحيح نه مليا ڪٽوتي وارو چڪر رهيو ۽ پنهنجي حق لاءِ احتجاج ڪندڙ آبادگارن تي ڪافي هنڌن تي خاص ڪري خيرپور ضلعي ۾ ڦٽين جي آبادگارن تي ڪوڙا ڪيس داخل ٿيا ڪين گرفتار ڪري تشدد ڪيو ويو جنهن ۾ روينيو ۽ پوليس جا ڪامورا برابر جا سهولتڪار رهيا جڏهن هن قسم جون زيادتيون ٿينديون ته آبادگار زراعت طرف ڪيئن لاڙو ڪندا؟لازمي آ ته اهي درپيش مسئلن کي منهن ڏيڻ بدران زمينون وڪرو ڪري يا غير آباد رکي لڏپلاڻ ڪندا جنهن سان زراعت کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو خيرپور جا آبادگار انصاف جي اوسيئڙي ۾ آهن

2023 جو سال آباگارن لاءِ انهي ڪري به ڳرو رهيو جو هن سال سنڌ ۾ سرڪاري ۽ نجي زمينن تي والار ٿيندي نظر آئي جنهن سان به آبادگار پريشان حال نظر آيا قبضه مافيا ۽ آبادگار دشمن وڏيرن زمينن تي قبضا ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي خاص ڪري سنڌ جو ڪاڇو ڪوهستان ۽ ٿر متاثر رهيو آهي جتان جي وڏيرن ۽ روينيو ڪامورن ملي پڳت ڪري ٻاهه لڳڻ جا بهانا بڻائي زمينن جو رڪارڊ گم ڪرائي بيوسن جون زرعي زمينون قبضه خورن حوالي ڪري ڇڏيون جنهن تي احتجاج ٿين نائينشنل پارٽي ۽ ٻين ڌرين پاران زمينن جي والار خلاف احتجاج ڪيا پيا وڃن ۽ ڪنوينشن ٿيا آهن ڪارونجهر جبل کي به هن ئي سال اءِ تي لڳايو ويو هن ئي سال سنڌ ۾ زمينن تان قبائلي تڪرار ٿيا جن ۾ زرعي پورهيتن جو وڏو انگ مختلف هنڌن تي قتل ٿيو جن ۾ به مقامي وڏيرن ۽ روينيو جي بدنيتي شامل آهي قاضي احمد لڳ هڪ ئي گهر جي پنجن زرعي پورهيتن جو قتل به هن سلسلي جي هڪ ڪڙي چئي وڃي ٿي پر ڪو به داد فرياد ناهي ٿيو روينيو کاتي جي هيڊ آفيس ٽوڙي ضلعي ۽ تعلقه آفيسن ۾ روزانه ڪروڙين روپين جون ٻوليون لڳن ٿيون ڪوڙا کاتا رکجن ٿا ۽ ماڻهو ماريا وڃن ٿا

2023 وارو سال انهي ڪري به ڳرو ثابت ٿيو جو هن سال اسان کان برک آبادگار زرعي سائنسدان ۽ آبپاشي ماهر به وڇڙي ويا جن ۾ اي اين جي عباسي، عبداللطيف نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر حاجي خان کيريو ۽ ٻيا شامل آهن هنن جو سنڌ ۽ سنڌ جي زراعت لاءِ خدمتون قابل تحسين آهن بهرحال 2023 وارو سال ته وڃي رهيو آهي نئون سال اچي پيو خدا ڪري ته اهو سنڌ ۽ سنڌ جي زراعت ۽ آبادگارن لاءِ خوشيون آڻي سنڌن مسئلا حل ٿين

بقايا 01

هئي ۽ اسان جي دور ۾ هر لحاظ کان معاشرو اڳيان وڌي رهيو هو پر ڪجهه ڪردار اهڙا آيا جنهن ترقي ڪندڙ پاڪستان کي ٿپ ڪري ڇڏيو هن چيو ته هاڻ قوم تدارڪ ڪري. معاشي بدنظمي 2019 کان شروع ٿي ۽ 2022 تائين ملڪ جي هر شيءِ ويهي رهي 2013 کان 2017 تائين اسان جي دور ۾ ملڪ ترقي ڪري رهيو هو. ڇگن پلن ماڻهن کي ڪڍي ملڪ سيڪڙن ماڻهو جي حوالي ڪيو ويو 2017 ۾ ڳالهيون شروع ٿي ويون هيون ايندڙ چونڊون به (ن) ليگ کٽي رهي آهي مون کي چيو ويو ته اوهان چئي ڇڏيو ته لوڊشيڊنگ 6 مهينن ۾ ختم ڪري ڇڏينداسين. مون جواب ڏنو ته 6 مهينن ۾ لوڊشيڊنگ ختم نٿي ٿي سگهي ڪيئن چئي ڇڏيان. مون هنن کي چيو ته مان اهڙي ڪاٻه ڳالهه نه ڪندس جنهن سان منهنجي ساک خراب ٿئي. مون چوند مهر ۾ چيو ته پنجن سالن ۾ لوڊشيڊنگ ختم ڪري ڇڏينديس. مون قوم سان ڪنهن به قسم جو دوکو يا فراڊ نٿي ڪرڻ چاهيو اڳوڻي وزيراعظم چيو ته هر ڀيري اسان سنا ڪم ڪيا پر هر ڀيري اسان کي ڪڍيو ويو مون کي به خبر پوڻ گهرجي ته 93 ۽ 99 ۾ مون کي ڇو ڪڍيو ويو اسان چيو ته ڪارگل جي جنگ نه ٿيڻ گهرجي ها؟ ڇا ان لاءِ ڪڍيو ويو وقت ثابت ڪري رهيو آهي اسان صحيح هئاسين ۽ اسان جا فيصلا به صحيح هئا ملڪ جي ڳالهه ايندي آهي ته اسان به پوئتي نه ٿيندا آهيون اسان ايٽمي ڌماڪا ڪيا جنهن کان پوءِ پاڪستان مضبوط ٿي ويو اڄ ڪنهن جي به طاقت ناهي جو پاڪستان ڏانهن ميري اک ڪري ڏسي اسان معاشي، دفاع سميت هر محاذ تي ڪارڪردگي ڏيکاري. اسان جي دور ۾ ڀارت جا 2 وزيراعظم مودي ۽ واجپائي پاڪستان آيا. هاڻ اسان کي پنهنجا معاملا ڀارت ۽ افغانستان سان صحيح ڪرڻا آهن اسان کي پنهنجي معاملا ايران ۽ چين سان به وڌيڪ بهتر ڪرڻا آهن نوازشريف وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن شهباز شريف واپس اچي ملڪ کي نه سنڀالي ها ته ملڪ ڊيفالٽ ٿي وڃي ها. ڀهريان لوڊشيڊنگ جو مسئلو هو. هاڻ پي ٽي آءِ جي حڪومت بجلي جي قيمتن جو به مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو اڄ غريب عوام جي سموري پگهار بجلي جي بلن تي هلي ويندي آهي هن چيو ته اڄ پاڪستان سان اهو سلوڪ ڇو ڪيو ويو؟ جن ماڻهن ملڪ کي اهڙي صورتحال تي پهچايو انهن جو احتساب ٿيڻ گهرجي. اسان ٻڇڻ چاهيو ٿا ته اوهان ائين ڇو ڪيو هي اسان جو ملڪ آهي اسان جي نسلن کي هتي رهڻو آهي گهٽ ۾ گهٽ انهن جي لاءِ ته سلو ملڪ ڇڏي وڃون.

بقايا 02

به رڪني ڪميٽي ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل بابت ريفرنس جي نشريات سڌي ريت ڏيکارڻ يا ٻڌائي ڪانپوءِ رڪارڊنگ جاري ڪرڻ بابت رپورٽ جوڙي آهي. ذريعن موجب جسٽس اطهر من الله ۽ جسٽس محمد علي مظهر تي ٻڌل ڪميٽي سفارشون فل ڪورٽ سامهون رکندي. ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل بابت صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي 12 ڊسمبر اڳاري تي ٿيندي، چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 9 رڪني لارجر بئنچ ٻڌڻي ڪندي.

بقايا 03

باني کي موقعو مليو ته هن انتقامي سياست ۾ وقت ضايع ڪري ڇڏيو. زمان پارڪ ۾ انتقامي سياست تي زور ڏنو ويو. واعدو نئين پاڪستان جو هو پر حڪومت ۾ آيا ته اهو ئي ڪم ڪين جيڪو اڳ ۾ ٿيندو هو. پي ٽي آءِ باني سان رڳو اهو اختلاف هو ته هو سليڪٽ ٿي آيو هو غلط هو ۽ امپائر جي آڱر سان پنهنجي سياست ڪندو هو. سندس چوڻ هو ته ميان صاحب انهن سان وڙهيو جن کيس اقتدار ۾ آندو. پيو پيرو ميان صاحب کي ويڙهه سبب ٻاهر وڃڻو پيو ۽ 10 سال آرام ڪرڻو پيو. 2013 ۾ ميان صاحب وري انهن سان ئي وڙهيو جن کيس اڪثريت ڏياري، مون کي جو ڪڍيو ويو چوندو چوندو هو لنڊن جي ايون فيلڊ پهتو ۽ اتان انقلاب آڻڻ لڳو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ميان صاحب جو اهو انهن کان مطالبو آهي ته اڪثريت ڏياري وڃي. جيڪو ٿي پيرا وزيراعظم بڻجي نيل ٿيو ته چوٿون پيرو ڪهڙو تير هڻندو؟ اسان کي خبر آ ته ميان صاحب چوٿون پيرو اچي ڇا ڪندو. ميان صاحب وري انهن سان ئي وڙهندو، جيڪي کيس اڪثريت ڏياريندا. پ پ چيئرمين چيو ته ميان صاحب ووٽ

جي بي عزتي ڇڏي ووٽ جي عزت جي سياست ڪري. ميان صاحب ٿي پيرا سليڪٽ ٿيو. چوٿون پيرو اليڪٽ ٿي ڏيکاري ته مان به مڃيندس ۽ عوام به مڃيندو. چوٿون پيرو به سليڪٽ ٿي اچڻ چاهي ٿو ته بسم الله پر نه مان مڃيندس ۽ نه عوام مڃيندو. مان عوام سان گڏ بيهندس ۽ هر سليڪٽڊ جو مقابلو ڪندس.

بقايا 04

پوندي. اسلام آباد ۾ پوليس جي اڳوڻي انسپيڪٽر جنرلز جي ستين سالياني ڪانفرنس کي خطاب ڪندي نگران وزيراعظم چيو ته اسان کي تمام هٿا چيلنجز پيش آهن. پوليس ملڪ ۾ امن جي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن هن چيو ته اسان پوليس کاتي جا ٿورائتا آهيون. پوليس کي پنهنجي ساک برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي هوندي آهي نوڪرين جي نوعيت جيڪا به هجي اسان کي پنهنجو ڪم ايمانداري ۽ پوري سچائي سان ڪرڻ گهرجي نرسنگ ۽ پوليس جي مقدس پيشن جو به خيال نه رکيو ويو انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته آئين تحت ڪوبه ماڻهو يا گروپ پرتشدد ڪاروايون ۾ ملوث نٿو ٿي سگهي اسان جو ڪوبه معاشرو افراتفري برداشت نٿو ڪري سگهي، بدامني جي خلاف قانون لاڳو ڪندڙ ادارا هميشه اڳيرا نظر ايندا آهن هن چيو ته دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ 90 هزار ماڻهو شهيد ٿيا. نگران وزيراعظم وڌيڪ چيو ته معاشري ۾ بهتري لاءِ روين ۾ تبديلي جي ضرورت آهي ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽين کي گڏجي ويهي قانونسازي ڪرڻ گهرجي.

بقايا 05

رهي آهي. گجرات ضلعي جي شهر جلالپور جٽان ۾ جلسي کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو مخالف چون ٿا ته نواز شريف جي سياست ختم ٿي وئي، پاڪستان ۾ اهي ڪهڙيون جيلون آهن جتي نواز شريف نه ويو؟ هن چيو ته نواز شريف خلاف سازش ڪندڙ گروهه وايسي تي سندس آجيان ڏسي ڇڏي. جڏهن عوام جو فيصلو آيو ته نواز شريف جي حق ۾ آيو سندس چوڻ هو ته هڪ شخص جيل ۾ ويهي پنهنجي عملن جي سزا ڀوڳي رهيو آهي. جيڪو نواز شريف کي چور چوندو هو. هن ٻاڻ تاريخ جي سڀ کان وڏي چوري ڪئي.

بقايا 06

جي ٽين ماڙ تان ٽپو ڏئي ڇڏيو ٻرڊيهي ميڊيا موجب شاگرديائي جي سڃاڻپ ڪاشيرام جي نالي سان ٿي. جيڪا ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي دوست سان گڏ ڪيفي ۾ وئي هئي. تي جوابدارن ان جي نازيبا وڊيو رڪارڊ ڪئي جوابدار شاگرديائي کي بليڪ ميل ڪندا رهيا. جنهن کان تنگ اچي هن عمارت جي ٽين ماڙ تان ٽپو ڏئي آپگهات جي ڪوشش ڪئي ۽ سخت زخمي ٿي پئي ڪاشيرام کي ڳنڀير حالت ۾ اسپتال پهچايو ويو. جتي هوءَ علاج هيٺ آهي. شاگرديائي هوش ۾ اچڻ ڪانپوءِ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪاريو ۽ سڄو معاملو ٻڌايو. پوليس ڪيس داخل ڪري جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 07

هلائيمريم اورنگزيب، جاويد لطيف ۽ ٻيا اڳواڻ دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيش ٿيا. جنهن دوران عدالت گرفتاري جا وارنٽ رد ڪري ڇڏيا عدالت طرفان شريڪ جوابدارن بابت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو تحريري فيصلو پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 6 جنوري تائين ملتوي ڪندي مريم اورنگزيب جي بريت جي درخواست تي دليل طلب ڪري ورتا عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي مريم اورنگزيب چيو ته ن ليگ سربراهه نواز شريف کي چوٿون ڀيرو ملڪ جو وزيراعظم بڻائينداسين. جنهن سان پاڪستان ڀيهر ترقي ڪندو هن چيو ته پي ٽي آءِ حڪومت ملڪي معيشت کي کوکلو ڪري ڇڏيو. 190 ملين پائونڊز ملڪي تاريخ جو سڀ کان وڏو ڌاڙو هو ٻين کي چور چوندڙ 190 ملين پائونڊ جو ڌاڙو هنيو

بقايا 08

وئي آهي. درخواست ۾ وفاقي حڪومت، اليڪشن ڪميشن ۽ اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ کي ڌر بڻائيندي چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن غير

قانوني طور توهين ڪميشن جي ڪارروائي شروع ڪئي آهي. اليڪشن ڪميشن وٽ توهين ڪميشن جي ڪارروائي جو اختيار ناهي درخواستگذار موجب اليڪشن ڪميشن ان ڪيس ۾ جيل ٽرائل جو فيصلو ڪيو آهي. جيڪو غير قانوني آهي، جيل ۾ ڳجهو ٽرائل آئين جي آرٽيڪل 4 جي ڀڃڪڙي آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن 13 ڊسمبر جي تاريخ جيل ۾ فرد جرم جي ڪارروائي لاءِ مقرر ڪئي آهي. عدالت اليڪشن ڪميشن جو جيل ٽرائل ڪرڻ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي.

بقايا 09

ادارن کي انساني حقن جي معيارن کان آگاهي ۽ شهرين جي حقن جي تحفظ بابت ڪليدي ڪردار ڪلندي شفافيت کي فروغ ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پنهنجي پيغام ۾ چيو ته هر سال 10 ڊسمبر تي انساني حقن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. هن پوليس تي زور ڀريو ته انصاف، ديانت، ايمانداري ۽ انساني وقار جي احترام جي اصولن تي معياري خدمتن کي يقيني بڻائڻ تي ڌيان ڏي. سنڌ جي گهرو نگران وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز آءِ جي سنڌ پوليس کي چيو ته هو سنڌ پوليس جي انساني حقن جي سيل کي ڀيهر بحال ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي جيڪو انساني حقن متعلق معاملن کي هموار ڪرڻ ۽ ان سان نمٽڻ لاءِ سينٽرل پوليس آفيس ۾ مرڪزي طور تي قائم ڪيو ويو آهي هن چيو ته مذڪوره خصوصي يونٽ کي هدايت ڪئي وڃي ته خاص طور تي ڪمزور ڪميونٽيز متعلق انساني حقن جي خلاف ورزين تي توجهه مرڪوز ڪن جن ۾ عورتون، ٻار، اقليتون، PWDs ۽ ڪدڙا فقير شامل آهن هن وڌيڪ چيو ته "پوليس هڪ اهم قانون لاڳو ڪندڙ ادارو هجڻ جي ناطي سان بنيادي انساني حقن کي برقرار رکڻ لاءِ، پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿي پر ڏوهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. اهم واقعا ۽ امن امان جي صورتحال سبب پوليس جي قيادت ۽ فورس جي توانائي ۽ توجهه ٿي خطرناڪ ڏوهن ۽ سيڪيورٽي طرف ڌيان ڏئي رهي آهي ان طرح جي صورتحال جو تقاضو آهي ته خصوصي يونٽ کي نه صرف هڪ نگران اداري جي طور تي فعال ٿيڻ گهرجي جيڪو انساني حقن جي تحفظ تي ڌيان ڏئي ۽ ان تي زور ڏيڻ ذميوار آهي پر بهتر خدمتن جي فراهمي. قانون جي اداڪاري ۽ انساني وقار جي معاملن متعلق ديتا جي تاليف لاءِ هڪ پليٽ فارم به آهي.

بقايا 10

ٻڌائي ورتو ۽ رپورٽ موجب ڪابينا ميمبرن 190 ملين پائونڊز جي جاچ ڪرائڻ جي سفارش ڪئي هئي. زبيده جلال نيب ٽيم کي ٻڌايو ته مان جاچ جو مطالبو ڪيو هو. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته زبيده جلال جو موقف هو ته 190 ملين پائونڊ پاڪستان جو اثاثو آهن. واپس آڻڻ گهرجن. ڪيترن ئي ڪابينا ميمبرن جو چوڻ هو ته 190 ملين پائونڊ واپس آڻڻ جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. رپورٽ موجب عمران خان ڪابينا ميمبر نيب جاچ ۾ شامل ٿيا ۽ پنهنجي ان ئي موقف کي ورجايو زبيده جلال چيو ته اصرار باوجود عمران خان وزيراعظم طور ڪنهن جي نه ٻڌي. ان سنجيده معاملي تي بنا ڪنهن بحث جي ايجنڊا منظور ڪئي وئي ۽ 190 ملين پائونڊز معاملي کي ڳجهو رکڻ جي منظوري ڏني وئي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته 190 ملين پائونڊز جو معاملو ڪجهه ڪابينا ميمبرن جي سخت خدشن باوجود منظور ڪيو ويو.

بقايا 11

۾ غير قانوني پارڪنگ مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون ۽ ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سمورن ٽائونز جي حدن ۾ قائم غير قانوني پارڪنگ وارين جاين کي فوري طور ختم ڪيو وڃي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري چيو ته پارڪنگ مافيا جي سرپرستن، سهولتڪارن کي انجام تي پهچايو وڃي. پوليس ٽريفڪ ۽ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن کي آپريشن دوران آن بورڊ رکيو وڃي هن چيو ته غير قانوني پارڪنگ مافيا ۾ ملوث ڪردارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي وڃي.

بقايا 12

آپريشن جاري آهيقتل ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار شيرو مهر ۽ ٻين جوابدارن جي فصلن کي باهه ڏئي ساڙيو ويو ايس ايس پي عرفان سمون چيو ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن ايس ايس پي موجب، جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪارروائيون تيز ڪيون ويون آهن ڪچي ۾ موجود ٻيا گروهه به جوابدارن جو ساٿ ڏئي رهيا آهن. جوابدار لاڪيٽيو پنهنجا ٺڪاڻا تبديل ڪري رهيا آهن

بقايا 13

خلاف ڪيس ٻيهر دهشتگردي ٽوڙ عدالت اماڻڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي پراسيڪيوٽر جنرل پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪرايل اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته جوابدار عذير بلوچ ۽ سندس ساٿي جوابدارن کي بنا ٽرائل هلائڻ جي آجو قرار ڏنو ويو پراسيڪيوٽر جنرل چيو ته عذير بلوچ جي بريت کي ڪالعدم قرار ڏئي سندس ڪيس ٻيهر اي ٽي سي ڏانهن اماڻيا وڃن عذير بلوچ تي 65 کان وڌيڪ ڪيس داخل ٿيل آهن. 40 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ عذير بلوچ کي آجو قرار ڏنو ويو آهي

بقايا 14

شهزادي افتخار الدين نواز شريف کي ايون فيلڊ ريفرنس ۾ بريت تي مبارڪباد ڏني پارٽي اڳواڻن پارٽي صدر کي پنهنجي ٽڪن ۾ چونڊ تيارين کان آگاهه ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي شهباز شريف چيو ته نواز شريف جي وطن واپسي ڪانپوءِ قوم جون مايوسيون ختم ٿي ويون آهن هن چيو ته نواز شريف

جي قيادت ۾ هو قوم کي امن، ترقي ۽ خوشحالي ڏيندو مسلم ليگ ن جي صدر جو چوڻ آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ 10 سالن جي حڪومت عوام کي ڪجهه ناهي ڏنو. عوام جا وسيلا رڳو ڦرلٽ ڪئي وئي.

بقايا 15

جاويد راڻا ڪيس جي ٻڌائي هلائي. ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار شاهنواز امير جي والده ثمينه شاهه جي وڪيل نثار اصغر حتمي دليل ڏيندي چيو ته ثمينه شاهه تي قتل ۾ معاونت جا الزام ثابت نه ٿي سگهيا آهن. وڪيل نثار اصغر دليل ڏنا ته پراسيڪيوشن هڪڙي ئي ڏينهن شاهنواز امير جي والد اياز امير ۽ والده ثمينا شاهه کي قتل ڪيس ۾ نامزد ڪيو. وڪيل نثار اصغر پاران ثمينا شاهه کي ڪيس مان آجو قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. پراسيڪيوٽر راڻا حسن عباس حتمي دليل ڏيندي چيو ته شاهنواز امير سموري رات سارا کي تشدد جو نشانو بڻائيندو رهيو. سارا جي رڳو مٿي تي ئي 7 کان وڌيڪ زخمن جا نشان هئا. مقتول سارا جي والد انعام رحيم چيو ته تشدد وقت منهنجي ڌيءَ ڊانهون ڪيون هونديون. منهنجي ڌيءَ جو آواز شاهنواز امير جي والده جي ڪنن تائين ڪيئن نه پهتو؟ هنن ڄاڻي واڻي پوليس کي بروقت اطلاع نه ڏنو. عدالت ۾ بيان ڏيڻ وقت سارا جو والد روئي ويٺو. فريادي جي وڪيل رائو عبدالرحيم پاران جوابدار شاهنواز امير کي موت جي سزا ڏيڻ جي استدعا ڪئي. جوابدار شاهنواز امير جي والده ثمينه شاهه چيو ته واقعي وقت مان ٻئي ڪمري ۾ موجود هيس. مون کي پٽ فون ڪري گهرايو. مون اياز امير کي فون ڪري اطلاع ڪيو. اياز امير چيو ته شاهنواز کي ٻئي ڪمري ۾ بند ڪيو متان ڀڄي نه وڃي. عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا 16

ايڊجسٽمينٽ جي لاءِ (ن) ليگ طرفان راڻا ثناءالله، اياز صادق ۽ سعد رفيق ڪميٽي ۾ شامل هوندا. جڏهن ته آءِ پي پي طرفان عون چوڌري، اسحاق خاڪواڻي ۽ نعمان لنگڙيال ڪميٽي جو حصو هوندا. ذريعن ٻڌايو آهي ته جهانگير ترين يا سندس پٽ علي ترين لودهران مان اين اي جي چونڊ وڙهندا جڏهن ته آءِ پي پي جو عليم خان ۽ عون چوڌري لاهور مان اين اي جي چونڊ وڙهندا. ذريعن ٻڌايو آهي ته اسحاق خاڪواڻي وهاڙي کان ۽ نعمان لنگڙيال ساهيوال کان چونڊون وڙهندا جڏهن ته ٻنهي پارٽين مان ڪنهن به هڪ مضبوط اميدوار کي ٽڪ جي عوام سامهون آندو ويندو جنهن جي لاءِ آنڊري سروي به ڪرائي سگهجي ٿي ذريعن ٻڌايو آهي ته (ن) ليگ سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ لاءِ ايندڙ ڪجهه ڏينهن دوران هڪ گڏجاڻي ٿيندي جنهن ۾ ٻئي پارٽيون پنهنجن پنهنجن اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪنديون.

بقايا 17

سهڪار سان شهر جي سيوريج سسٽم کي بهتر بڻائڻ لاءِ 40 جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون واٽر ڪارپوريشن حوالي ڪيون ويون آهن ۽ انهن گاڏين جي اچڻ سان شهر ۾ نيڪالي جو نظام تمام گهڻو بهتر ٿيندو. شهر جي روز وڌندڙ آبادي کي نظر ۾ رکندي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا مسئلا حل ڪرڻ اسان جي منشور ۾ شامل آهي ۽ ان حوالي سان شهر جي بهتري لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن. انشاءالله ايندڙ وقت ۾ سيني کي واضح فرق نظر ايندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ سنڌ حڪومت، ورلڊ بئنڪ ۽ ڪراچي واٽر سيوريج سروسز جي گڏيل تعاون سان 901 ملين روپين جي لاڳت سان تيار ڪيل 40 جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي حوالي ڪرڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي ميئر ڪراچي سي اي او واٽر ڪارپوريشن کي نئين جيٽنگ ۽ سڪشن مشينن جون چابيون ڏنيون. جنهن تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن ميئر ڪراچي جو شڪريو ادا ڪيو. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب پروقار تقريب ايم ڊي سيڪريٽريٽ واٽر ڪارپوريشن ڪارساز ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب جو مهمان خاص ڪراچي جو ميئر ۽ چيئرمين واٽر ڪارپوريشن بئريسٽر مرتضيٰ وهاب هو. جڏهن ته ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد، سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله، پي پي اڳواڻ ڪرم الله وقاصي، دل محمد، جمن درمان، سڪندر بلوچ، بورڊ ميمبر ظفر سبحاني، ايڊووڪيٽ تنزيل پيرزادو سميت واٽر ڪارپوريشن جي ٻين اعليٰ عملدارن تقريب ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ميئر ڪراچي جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت، ورلڊ بئنڪ ۽ ڪراچي واٽر سيوريج سروسز جي گڏيل سهڪار سان 901 ملين روپين جي لاڳت سان تيار ڪيل 40 جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون اڄ واٽر ڪارپوريشن جي حوالي ڪيون ويون آهن. هن ٻڌايو ته ٻئي مرحلي ۾ 14 جيٽنگ، 14 سڪشن مشينون، 10 ڪمبائنڊ جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون ۽ 2 موبائيل ورڪشاپ گاڏيون معراج لميٽيڊ فيڪٽري تيار ڪيون آهن. جن کي اڄ کان واٽر ڪارپوريشن سسٽم ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن چيو ته واٽر ڪارپوريشن فليٽ مئنيجمينٽ پورٽل شروع ڪرڻ وڃي رهي آهي. فليٽ مئنيجمينٽ پورٽل جي تحت سيني سڪشن ۽ جيٽنگ مشينن ۾ ٽريڪ سسٽم کي نصب ڪيو ويندو. ٽريڪ سسٽم کي نصب ڪرڻ سان صارفين کي معلوم ٿيندو ته سڪشن ۽ جيٽنگ مشينون ڪٿي واقع آهن ۽ ڪٿي ڪم ڪري رهيون آهن. هن چيو ته واٽر ڪارپوريشن هڪ نئين عزم ۽ نئين سڃاڻپ سان شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده آهي. ميئر ڪراچي چيو

ته ته اڄ مليل گاڏيون شهرين لاءِ ڪارآمد ثابت ٿينديون. چاڪاڻ ته مشينن ۾ 90 ميٽر تي مشتمل پورو 2 جا انجڻ لڳايا ويا آهن جيڪي سخت گندي پاڻي جي بندش کي ختم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي ۽ جديد مشينن ۾ 7000 ليٽرن جي گنجائش آهي جڏهن ته سمورين مشينن ۾ اٽلي مان درآمد ٿيل پمپ نصب ڪيا ويا آهن. هن ٻڌايو ته انشاءالله نئين مرحلي ۾ وڌيڪ 20 گڏيل جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون ڪراچي واٽر ڪارپوريشن حوالي ڪيون وينديون. هن چيو ته ڊاسين پاڻي جي مختلف منصوبن تي ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ انهن کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. حب ڊيم مان 50 ايم جي ڊي پاڻي وڌائڻ تي ڪم ڪري رهيو آهيون جڏهن ته 65 ايم جي ڊي جي منصوبو پڻ غور هيٺ آهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته انهن سمورن منصوبن کي جلد مڪمل ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته نئين ايڪٽ تحت ڪراچي واٽر ڪارپوريشن کي وڌيڪ بهتر ۽ مضبوط ڪيو ويو آهي جنهن جا مثبت نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. جڏهن ته واٽر ڪارپوريشن لاءِ ٽربيونل کي جلد ناهڻ لاءِ سنڌ حڪومت سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته واٽر ڪارپوريشن ۾ مقررين ۽ بدلين جا اختيار واٽر ڪارپوريشن جي بورڊ وٽ آهن ۽ ان حوالي سان سنڌ حڪومت سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي.

بقايا 18

چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس عقيل احمد عباسي، عامر سليم صدر ڪراچي بار ايسوسيئيشن، ممتاز علي مهدي نائب صدر، وقار عالم جنرل سيڪريٽري، صبيح محمود جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تقريب جو افتتاح ڪندي سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جو عهدو سنڀالڻ تي جسٽس عقيل احمد عباسي کي واڌايون ڏنيون. هن اميد ظاهر ڪئي ته جسٽس عقيل عباسي جي دور ۾ بار ۽ بينچ ٻئي گڏجي انصاف جي حصول لاءِ ڪم ڪندا ۽ سمورن چئلينجن کي گڏجي منهن ڏيندا. ماضي کي ياد ڪندي نگران وڏي وزير چيو ته ڪراچي بار ايسوسي ايشن سان سندس وابستگي 4 ڏهاڪن تي ٻڌل آهي. هن چيو ته اٽڪل 40 سال اڳ مان ڪراچي بار ايسوسي ايشن جو ميمبر هڪ نوجوان وڪيل جي حيثيت سان ٿيس ۽ اهو لاڳاپو جج ٿيڻ کان پوءِ به قائم رهيو. هن چيو ته 2007 جي ايمرجنسي دوران وڪيلن ۽ ڪي بي اي اهم ڪردار ادا ڪيو جسٽس مقبول باقر 2007ع جي وڪيلن جي تحريڪ جو به ذڪر ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه خطرا ٻاهرين ۽ ڪجهه اندروني هئا. جمهوريت ۽ عدليه جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد جو ثمر 2009ع ۾ مليو جڏهن جج بحال ٿيا. هن چيو ته اڄ به عدليه جي آزادي خطري ۾ آهي. سنڌ جي نگران وڏي وزير چيو ته گذريل ڪجهه سالن ۾ اهم ڪيسن ۾ بينچ ناهڻ جو معاملو سپريم ڪورٽ ۾ پولرائزيشن جو سبب بڻيو آهي هن وڌيڪ چيو ته هي پولرائزيشن ان سطح تي پهچي ويو آهي جو عوام جو سپريم ڪورٽ تي اعتماد متاثر ٿيو آهي. سپريم ڪورٽ جي اختيارن ۽ خاص ڪري اسان جي اڳوڻي چيف جسٽسن جي بينچن جي جوڙجڪ ۾ سڌارو نه ڪرڻ سبب پارليامينٽ کي اهو ڪم ڪرڻو پيو. هن چيو ته مان سمجهان ٿو ته نه رڳو سپريم ڪورٽ پر سمورين هاءِ ڪورٽن کي به بااختيار بڻائڻ گهرجي ته اهي سينيئر ججن جي مشاورت سان بينچون مقرر ڪن هن چيو ته ان سان نه رڳو فيصلي سازي جو معيار بهتر ٿيندو پر پولرائزيشن به گهٽ ٿيندي ۽ عوام جو عدليه تي اعتماد بحال ٿيندو. نگران وڏي وزير مقبول باقر سان ڪراچي بار ايسوسي ايشن جي وفد وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي. وفد بار کي درپيش ڪيترن ئي مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ مدد جي درخواست ڪئي. اجلاس ۾ قانون واري وزير عمر سومرو ڪراچي بار ۽ ٻين بار ايسوسيئشنز لاءِ فنڊز جي درخواست جي سمري پيش ڪئي. هن چيو ته ڪراچي بار ايسوسي ايشن جا مسئلا حل ڪرڻ جي حوالي سان مون ان لاءِ اضافي فنڊ مختص ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته نوجوان وڪيل ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏئي رهيا آهن خاص ڪري گذريل سالن ۾ مهانگائي ۾ اضافو ان جو وڏو سبب آهي. هن چيو ته اسان انهن جي مسئلن جو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪنداسين. مون وٽ ڪيترائي خيال آهن جهڙوڪ ايڊووڪيٽ جنرل آفيس، قانون کاتي يا پراسيڪيوٽر جنرل آفيس ۾ انٽرن شپ يا ٽرين شپ جا موقعا فراهم ڪرڻ. جسٽس (ر) مقبول باقر سمورن وڪيلن خاص طور تي نوجوانن تي زور ڀريو ته هو قانون جي جرنلز ۽ تازن فيصلن کي پڙهي پنهنجي صلاحيتن ۽ ڄاڻ ۾ واڌارو ڪن. هن رابرٽ فراسٽ جو هڪ شعر پڙهيو جهنگ خوبصورت گهاٽا ۽ ڳهرا آهن پر سمهڻ کان پهرين مون ڊگهي سفر جو واعدو ڪريان ٿو ان جو مطلب آهي ته، نوجوان وڪيل توهان کي پنهنجي بلندين کي حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي.

بقايا 19

اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد جي خلاف جي اچي کيو حملي ڪيس سميت 10 ڪيسن ۾ عبوري ضمانتن جي درخواست تي ٻڌڻي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ ٿي جتي جج ملڪ اعجاز آصف جي آڏو پراسيڪيوٽر، جاچ ٽيمون ۽ وڪيل پيشا ٿيا ان موقعي تي شيخ رشيد به عدالت ۾ موجود هو ٻڌڻي دوران عدالت شيخ رشيد جي ڪيسز جو مڪمل رڪارڊ پيش نه ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو جنهن تي سرڪاري پراسيڪيوٽر چيو ته وڌيڪ موقعو ڏنو وڃي. عدالت هدايت ڪئي ته ايندڙ تاريخ تائين جاچ مڪمل ڪري رڪارڊ پيش ڪريو. عدالت درخواست تي دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد احمد، سندس ڀائٽي شيخ راشد جي عبوري ضمانتن ۾ 4 جنوري تائين واڌ ڪري ڇڏي ٻڌڻي ڪان پوءِ

عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي شيخ رشيد چيو ته اهڙن ڪيسن سان منهنجو ڪوبه تعلق نه آهي. مان 9 مئي تي هتي موجود نه هئس. مون کي صحافين سان ڳالهائڻ کان منع ڪيو ويو آهي. ادارن جو مون هميشه احترام ڪيو آهي زنده رهيس ته اين اي 56 ۽ 57 جي ٽڪ تان چونڊن ۾ حصو وٺندس.

بقايا 20

ٿي وئي آهي. فلسطيني شهري ساموندي ڪناري طرف پناهه وٺي رهيا آهن ۽ مصر جي بارڊر واري علائقي رفح جي آس پاس جمع ٿي رهيا آهن هن مهينن کان جاري جنگ ۾ هن مهل تائين 17487 فلسطيني شهيد ٿي چڪا جن ۾ 7 هزار کان مٿي ٻارڙا شامل آهن. گڏيل قومن جنگ بندي جي ٺهراءَ بلاڪ ٿيڻ تي مايوسي ظاهر ڪندي چيو آهي ته غزه ٻارن جو قبرستان بڻجي ويو آهي ۽ بريڪنگ پوائنٽ تي پهچي ويو آهي. فلسطين اٿارٽي ۽ حماس جنگبندي جو ٺهراءُ ويٽو ڪرڻ تي آمريڪا جي مذمت ڪندي چيو آهي ته اسرائيل جنگي ڏوهن جي انتها ڪندي هر عالمي قانون جي خلاف ورزي جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو آهي. حماس چاڻايو آهي ته ڇنڇر تي صبح جو ڏکڻ غزه جي شهر خان يونس تي اسرائيلي حملي ۾ ڇهه ڄڻا مارجي ويا. جڏهن ته رفح ۾ هڪ الڳ حملي ۾ پنج ڄڻا مارجي ويا آهن غزه جا اڪثر علائقا ملبي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويا آهن ۽ گڏيل قومن جو چوڻ آهي ته اٽڪل 80 سيڪڙو آبادي بي گهر ٿي چڪي آهي. کلي آسمان ۾ هيٺ ويٺل ماڻهو امداد لاءِ ٻاڏائي رهيا آهن خوراڪ، تيل، پاڻي ۽ دوائن جي سخت کوٽ آهي ياد رهي ته 7 آڪٽوبر تي حماس جي حملن ۾ 1200 اسرائيلي مارجي ويا هئا ۽ 240 يرغمال بڻايا ويا هئا. جن مان ڪافي پوڙها، عورتون ۽ ٻار آزاد ڪيا ويا آهن ياد رهي ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس ڀهريون ڀيرو خصوصي اختيار استعمال ڪندي انساني بنيادن تي فوري جنگ بندي لاءِ ٺهراءَ پيش ڪيو جنهن جي اڪثر ملڪن حمايت ڪئي پر آمريڪا ان کي ويٽو ڪري ڇڏيو اسرائيل اڪثر اسپتالن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کي گرفتار ڪيو آهي.

بقايا 21

ويو عدالت ۾ پيش ٿيڻ دوران هن صحافين سان ڳالهيون ٻڌڻ ڪيون. اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري (ن) ليگ اڳواڻ جي نالي تي پيغام ڏنو فواد چوڌري چيو ته نوازشريف 40 سالن کان پوءِ به نامزد اداري ذريعي اقتدار ۾ اچي ٿو ته ڪهڙو فائدو؟ هن چيو ته ملڪ ۾ سليڪشن جو عمل روڪي هاڻ چونڊ جو عمل شروع ٿيڻ گهرجي. هاڻ فاصلا به گهٽ ٿيڻ گهرجن. ٻڌڻي دوران جج قاضي ماجد چيو ته اينٽي ڪرپشن پنجاب جي کاتي کي فواد چوڌري جي راهداري ريمانڊ جي ضرورت آهي جنهن تي فيصل چوڌري چيو ته فواد سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو ميمبر آهي. ملڪ آئين ۽ قانون جي تحت نه پيو هلي ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر عدنان علي هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪندي چيو ته ضمانت اسلام آباد ۾ داخل نٿي سگهي جو ته فواد چوڌري گرفتار آهي. راهداري ريمانڊ جي اسٽيج تي ڪيس جو فيصلو نٿو ٿي سگهي. جنهن کان پوءِ عدالت پراسيڪيوشن جي استدعا تي فواد چوڌري جي راهداري ريمانڊ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا 22

ٻڌو پيو وڃي. پر جا ان وقت جيڪا ناانصافي ٿي ان جي تلافي هاڻ ٿي سگهي ٿي؟ ڇا اسان به نوازشريف کي انصاف ڏيارڻ لاءِ 45 سال انتظار ڪريون. لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي جاويد لطيف چيو ته اسان کي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ 5 منٽ دير ٿيندي آهي ته ضمانت رد ٿي ويندي آهي پر لاڏلي جي لاءِ صبح 9 وڳي عدالت لڳندي هئي. رات جو 8 وڳي لاڏلو چوندو هو ته منهنجو حاضر ٿيڻ جو موڊ ناهي. جيڪي ائين ۽ قانون جون ڳالهيون ڪندا هئا انهن تي به غداري جا ڪيس داخل ٿيل هئا. هن چيو ته اڄ خوشي آهي ته 45 سالن کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل جو ڪيس ٻڌو پيو وڃي. ڇا ان وقت جيڪا ناانصافي ٿي انهي جي اڄ تلافي ٿي سگهي ٿي. نوازشريف کي هر ڀيري سزا ملندي رهي، جڏهن ته 2017 ۾ انصاف جو قتل ٿيو ڇا هاڻ به اسان نوازشريف کي انصاف ڏيارڻ جي لاءِ 45 سال انتظار ڪريون جنهن پاڪستان جي معيشت کي برداشت نه ڪرڻ جوڳو نقصان پهچايو ان کي اڄ به جيل ۾ پڪل ديسي ڪڪڙيون ملي رهيون آهن. ليگي اڳواڻ چيو ته جيڪو 190 ملين پائونڊ کائي وڃي ڇا اهو صادق ۽ امين هوندو؟ جيڪو ملڪ جي ماحول کي خراب ڪري ان کي جيل ۾ به 10 ڪمرن تي ٻڌل سهولتون ڏنيون پيون وڃن ان موقعي تي ليگي ترجمان مريم اورنگزيب چيو ته منهنجي مٿان پي ٽي آءِ جي باني چيئرمين دهشتگردي جو ڪيس ناهيو، اسان جي مٿان هي ڪيس ناهيندا رهيا ۽ ٻاڻ 9 مئي تي رياست تي حملو ڪيو ٻين تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪرائيندڙ ٻاڻ 9 مئي جو ڏوهاري آهي پي ٽي آءِ جو باني 9 مئي واقعن جو ماسٽر مائينڊ آهي.

بقايا 23

ورتي پئي وڃي تعليمي سال 2024ع لاءِ خيرپور مين ڪيمپس ۽ گهوٽڪي ڪيمپس ۾ داخلا لاءِ 5 هزار اميدوار حصو وٺي رهيا آهن ٻڌايو ٿو بلاڪ اڳيان لان تي ٿيندڙ انٽري ٽيسٽ جي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا. انٽري ٽيسٽ دوران يونيورسٽي جي استادن، آفيسرن ۽ ملازمن پگهارون نه ملڻ خلاف ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو

بقايا 24

هڪ سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت اڳوڻي سيڪريٽري انفارميشن صفدر علي شاهه تي 5 هزار روپيا ڏنڊ به لاڳو ڪيو آهي 2022 ۾ درخواست گذار سيد عطا شاهه اڳوڻي انفارميشن سيڪريٽري خلاف ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو ڪيس داخل ڪرايو هو عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد جوابدار صفدر علي شاهه کي سزا ٻڌائي.

بقايا 25

۽ سونا زيور ميڙيندي رهي. هاڻ هي چون ٿا ته نوازشريف 9 مئي جو واقعو ڪرايو ڇا نوازشريف پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي هدايتون ڏيندو هو؟ مريم اورنگزيب دعويٰ ڪندي چيو ته پي ٽي آءِ کي اڄ به پرڏيهي فنڊنگ ملي رهي آهي جڏهن ته عوام بيروزگاري کي منهن ڏئي رهي آهي هاڻ عوام پريشان نه ٿئي ملڪ هڪ دفعو ڀيهر ترقي جون منزلون طئي ڪندو عوام 8 فيبروري تي نوازشريف کي ڀيهر وزيراعظم بڻائيندو.

بقايا 26

تي بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم بڻائي ڏيکارينڊوسڪر ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي بابت اجلاس دوران مراد علي شاهه چيو ته جنهن لاڏلي کي آڻڻ لاءِ اليڪشن ليٽ ڪرائي وئي اهو هڪ ڪمري تائين محدود آهي مراد علي شاهه چيو ته عوام ۾ نڪري پوندو اڳواڻ هن وقت رڳو بلاول ڀٽو زرداري آهي. ملڪ جو عوام ئي ماڻهن کي وزيراعظم بڻائيندو آهي. جيڪي ماڻهو ته ٿا سڃين انهن کي 27 ڊسمبر تي خبر پوندي ته عوام ڪنهن سان گڏ آهيهن وڌيڪ چيو ته 27 ڊسمبر تي ڳڙهي خدابخش ۾ شهيد بينظير جي ورسيءَ تي عوام جو سمنڊ نظر ايندو.

بقايا 27

ڇڏيو آهي جنهن جي حمايت سلامتي ڪائونسل جي سمورن ميمبرن ۽ ٻين ملڪن ڪئي هئي. جنهن ۾ غزه ۾ فوري طور تي انساني بنيادن تي جنگبندي جو مطالبو ڪيو ويو هو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ قرارداد متحده عرب امارات طرفان پيش ڪئي وئي سلامتي ڪائونسل جي 15 مان 13 ميمبرن ان جي حمايت ڪئي برطانيه غير حاضر رهيو جڏهن ته آمريڪا مخالفت ڪئي. فرانس ۽ جاپان جنگبندي واري مطالبي جي حمايت ڪندڙن ۾ شامل هئا. گڏيل قومن جي اجلاس ۾ آمريڪي نائب سفير رابرٽ وڊ چيو ته قرارداد جو ڊرافٽ غير متوازن هجڻ کان علاوه حقيقتن سان هڪ جهڙائي نٿو رکي. هن قرارداد سان معاملي جو ڪوبه پڪو حل نٿو نڪري سگهي. هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا هن مسئلي ۾ دير تائين امن جي حمايت ڪري ٿو جنهن سان ٻئي ڌريون يعني اسرائيل ۽ فلسطين هڪ ٻئي سان امن ۽ سلامتي سان گڏ رهي سگهن رابرٽ وڊ چيو ته اسان اهڙي ٺهراءَ جي حمايت نٿا ڪري سگهون جيڪو غير حتادار جنگبندي جو مطالبو ڪري ٿو هن ٺهراءُ سان صرف هڪ نئين جنگ جو ٻج پوکي سگهجي ٿو آمريڪي نمائندي ٺهراءَ ۾ ترميم ڪيل تجويز تي چيو ته ٺهراءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ، ان ۾ حماس جي 7 آڪٽوبر جي حملي واري مذمت کي شامل ڪيو وڃي جنهن ۾ 1200 اسرائيلي مارجي ويا هئا جڏهن ته 240 کان وڌيڪ کي يرغمال بڻايو ويو هو ٺهراءَ جي حامي ملڪن اجوڪي ڏينهن کي خوفناڪ ڏينهن سان پيٽ ڏيندي جنگ جي نئين مهيني ۾ وڌيڪ شهرين جي فوتگي ۽ تباهي کان خبردار ڪري ڇڏيو هئي طرف گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس غزه ۾ جنگبندي جو مطالبو ڪندي چيو ته حماس جا حملا معصوم فلسطينين جي سزا جو ڪوبه جواز نه آهي غزه ۾ ڪا به جڳهه محفوظ نه رهي آهي. غزه جا ماڻهو محفوظ هنڌ جي ڳولا لاءِ مختلف جڳهن تي منتقل ٿي رهيا آهن حماس جي حملي جي مذمت ڪندي يو اين اي جي سيڪريٽري جنرل چيو ته غزه جا وڏا علائقا ويران جڏهن ته 80 سيڪڙو آبادي بي گهر ٿي چڪي آهي غزه ۾ خوراڪ، تيل، پاڻي ۽ دوائن جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي. جڏهن ته اتان جا رهواسي مختلف بيمارين جي خطرن کي به منهن ڏئي رهيا آهن ياد رهي ته ان کان اڳ آمريڪا هلندڙ سال آڪٽوبر ۾ گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ انساني بنيادن تي غزه ۾ جنگبندي لاءِ برازيل طرفان پيش ڪيل قرارداد کي به ويٽو ڪري ڇڏيو هو. برازيل طرفان پيش ڪيل قرارداد ۾ انساني بنيادن تي جنگبندي ۽ انساني امداد جي ورهاست جو مطالبو ڪيو ويو هو.

بقايا 28

نئين چيئرمين کي چونڊ ڪيو آهي. باني چيئرمين نااهلي ختم ٿيڻ تي عام چونڊن ۾ به حصو وٺي سگهي ٿو پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته نااهلي جو نوٽيفڪيشن غير آئيني آهي جيڪڏهن باني چيئرمين کي چونڊن کان اڳ روڪيو ويو ته اهڙي عمل کي اسان چئلينج ڪنداسين هن چيو ته انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو اليڪشن ڪميشن جو حڪم غير آئيني ۽ غيرقانوني هو هڪ سوال تي سينيٽر علي ظفر چيو ته ٽڪ بندين جيڪڏهن غلط ٿيون ته ان کي اميدوار انفرادي حيثيت ۾ چئلينج ڪندو اهو ڪنهن پارٽي جو ڪم نه آهي.

بقايا 29

تي جيڪو ڪم حڪومت نه ڪري سگهي، اهو اسان کي ڪرڻو پوندو شاهد آفريدي ٻهاولپور ضلعي جي تعلقي حاصل پور جو دورو ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته حاصل پور اچڻ جو مقصد ڪرڪيٽ اڪيڊمي ناهڻ آهي. پاڪستان ۾ ڪرڪيٽ اڪيڊميز نه هجڻ سان ٽئلينٽ ضايع ٿي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته ڪرڪيٽ اڪيڊميز تي جيڪو ڪم حڪومت نه ڪري سگهي، اهو اسان کي ڪرڻو آهي. نوجوان

بهتري جي اميد رکن. بي روزگاري جي خاتمي تي به ڪم ڪري رهيا آهيون.

بقايا 30

بئنچ ۾ جسٽس امين الدين، جسٽس حسن اظهر، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس عرفان سعادت شامل آهن وفاقي حڪومت، دفاع ۽ واري وزارت، بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا جي حڪومتن خصوصي عدالتن ۾ سويلينز جو ٽرائل روڪڻ بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي چئلينج ڪيو آهي وفاقي حڪومت جو موقف آهي ته ملٽري ڪورٽس ڪيس ۾ جوڙيل بئنچ پريڪٽس اينڊ پروسيجر قانون تحت نه هئي. 5 رڪني لارجر بئنچ جو قيام قانون موجب نه هئڻ ڪري ان جو فيصلو به ان اثرائتو آهي درخواستن ۾ حتمي فيصلي تائين خصوصي عدالتن ۾ ٽرائل روڪڻ خلاف منع نامو جاري ڪرڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي سپريم ڪورٽ 23 آڪٽوبر تي فوجي عدالتن ۾ سويلينز جو ٽرائل ڪالعدم قرار ڏنو هو فيصلي ۾ آرمي ايڪٽ ڊي ٽو جي ذيلي شقن هڪ ۽ 2 کي به ڪالعدم قرار ڏنو ويو هو

بقايا 31

کان روشناس ڪرائڻو آهي. ان بعد حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر لالا رحمان ۽ گورننگ باڊي جي ميمبرن پاران صوبائي وزير اطلاعات احمد شاهه جي اعزاز ۾ "ميٽ دي پريس" جو انعقاد ڪيو ويو، جنهن ۾ نگران صوبائي وزير اطلاعات حيدرآباد جي صحافي برادري جا مسئلا ٻڌا. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير اطلاعات محمد احمد شاهه چيو ته صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ تي صحافين ۾ غصو آهي ان سلسلي ۾ ايڪشن ڪاميٽي جوڙي وئي آهي. پوليس درخواست ڏني آهي ته ڊاڪٽر شيرو مهر جي سر تي پنجاهه لک روپيا انعام رکيو وڃي. سي ايم کان زباني اجازت ورتي آهي ته ايس ايس پي جيڪا درخواست ڏني آهي ان تي عمل درآمد ڪرايو وڃي. هن چيو ته اطلاعات جو وزير نه هئڻ ڪري صحافين جا حل طلب مسئلا رڪيل هئا. جيترو فنڊ بچيو آهي اهو ميرٽ تي صحافين کي ملندو. آءُ توهان مان ئي آهيان. منهنجو نه صرف سنڌ پر پوري پاڪستان جي صحافين سان پراڻو رشتو آهي. هن چيو ته "منسٽر حاضر ٿئي" جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي ڪنهن به وزارت جو جواب وزير اطلاعات نه ڏيندو. صحافين کي پورو حق ته هو سمورن وزارتن جي وزيرن کان سندن ڪارڪردگي بابت سوال ڪن. منسٽري جي جيتري خبر صحافي کي هوندي اوتري منسٽر کي به نه هوندي آهي. ميڊيا واچ ڊاگ وانگر ڪم ڪندا آهن هن چيو ته ڪجهه بيمار صحافين جون فائيلز ري اوپن ڪرايون آهن منهنجي ڀهرين ترجيح ورڪنگ جرنلسٽس آهن. آءُ صحافي برادري کي يقين ڏياريان ٿو ته توهان سان ڪيل واعدا ضرور پورا ڪيا ويندا. اسان جون سمورن سياسي پارٽين جي رهنمائن سان ملاقاتون آهن. اسان کي پراڻيون ڳالهيون وساري اڳتي وڌڻ گهرجي. گذريل حڪومتن جيڪي عوامي منصوبا شروع ڪيا هئا انهن ۾ تيزي آڻيندا سين جيڪي عوامي نمائندا عوام جي ووٽ جي طاقت سان ڪٽي ايندا آهن اقتدار انهن وٽ ئي هجڻ گهرجي. حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر لالا رحمان چيو ته شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي اڃا تائين گرفتاري ممڪن نه ٿي سگهي آهي جيڪا هاڻي تائين ٿيڻ گهرجي ها. صحافين جي جان ۽ مال جو تحفظ ممڪن بڻايو وڃي. اطلاعات کاتي واري صوبائي نگران وزير حيدرآباد جي پريس ڪلب جي اسپورٽس گالا ۾ کٽيندڙ رانديگرن ۾ انعام ورهايا. ان کان علاوه اطلاعات، اقليتي معاملا ۽ سماجي تحفظ واري نگران صوبائي وزير ڪالي ماتا جي تاريخي مندر ۽ بينٽيڪي برادرن چرچ جو دورو ڪيو جتي مندر جي پوڄاري ۽ چرچ جي پادري پاران درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو جنهن تي اطلاعات، اقليتي معاملا ۽ سماجي تحفظ واري نگران صوبائي وزير ۽ صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهه چنچر ميٽنگ طلب ڪئي آهي

بقايا 32

ٻڌائي ورتو ۽ رپورٽ موجب ڪابينا ميمبرن 190 ملين پائونڊز جي جاچ ڪرائڻ جي سفارش ڪئي هئي. زبيده جلال نيب ٽيم کي ٻڌايو ته مان جاچ جو مطالبو ڪيو هو. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته زبيده جلال جو موقف هو ته 190 ملين پائونڊ پاڪستان جو اثاثو آهن. واپس آڻڻ گهرجن. ڪيترن ئي ڪابينا ميمبرن جو چوڻ هو ته 190 ملين پائونڊ واپس آڻڻ جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. رپورٽ موجب عمران خان ڪابينا ميمبر نيب جاچ ۾ شامل ٿيا ۽ پنهنجي ان ئي موقف کي ورجايو زبيده جلال چيو ته اصرار باوجود عمران خان وزيراعظم طور ڪنهن جي نه ٻڌي. ان سنجيده معاملي تي بنا ڪنهن بحث جي ايجنڊا منظور ڪئي وئي ۽ 190 ملين پائونڊز معاملي کي ڳجهو رکڻ جي منظوري ڏني وئي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته 190 ملين پائونڊز جو معاملو ڪجهه ڪابينا ميمبرن جي سخت خدشن باوجود منظور ڪيو ويو.

بقايا — سنڌيار — 01

مظاهرو ڪيو ويو. پ ٽ الف دادو تائون جي اڳواڻن عنايت جمالي، لياقت پٽي، شاهنواز ڪوريجو ۽ ٻين استادن جو چوڻ هو ته 3 فيز ۾ ڪامياب ٿيل استادن کي دادو ضلعي ۾ اجان تائين گذريل 4 مهينن کان پگهارون نه پيون ڏنيون وڃن. خزانه آفيس دادو ۾ انهن استادن پاران سمورا ڪاغذات مڪمل جمع ڪرايل آهن ۽ استاد بنا پگهار جي ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن اهڙي ناانصافي خلاف پ ٽ الف استادن جي تنظيم سراپا احتجاج آهي پر اختيارين جي ڪن تي جونءِ به نٿي چري. مظاهرين حڪومت وقت کان مطالبو ڪيو ته جلد استادن جون پگهارون جاري ڪيو وڃن.

بقايا — سنڌيار — 02

ڪٽڻ ڪانپوءِ يوم تاسيس جي تقريب ڪئي وئي . ايس يو پي جي 17 سالن جي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. ان موقعي تي ضلعي صدر سهيل پٽي ، سيڪريٽري جمعو خان سومرو ، سينيئر نائب صدر عبدالخالق چانڊيو ، نائب صدر مصطفي مگسي انفارميشن سيڪريٽري سلمان شيخ ، ڪارڪن علي بروهي ، عبيد سولنگي ۽ ٻين ڪارڪنن شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 03

۽ 2 مرد سخت زخمي ٿي پيا. جڏهن ته هڪ ٻار جي حالت انتهائي نازڪ آهي جن کي سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي ۽ هيلٿ سروس ريسڪيو 1122 جون ايمبولينسون فوري طور تي حادثي واري هنڌ پهچي ويون. زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر گهارو منتقل ڪيو ويو. ڪار سوارن جو تعلق چوهڙ جمالي جي ميمڻ برادري ۽ موٽرسائيڪل سوار جو تعلق گجو جي جوکيو برادري سان ٻڌايو پيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 04

سنڌ جي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪيو. شاگردن چيو ته سنڌ جي ثقافت صدين کان پراڻي آهي جنهن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اهڙا پروگرام ٿيڻ گهرجن.

بقايا — سنڌيار — 05

ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو ته ڳوٺ جمن راڄپر ۾ گهڻي وقت کان اسان جي زمين تي 11 هزار تارين ڪريل هيون اسان سيپڪو نوشهرو فيروز وارن کي بار بار شڪايتون ڪيو ته انهن ڪريل تارن کي مٽي نه ڪيوان ۾ بجلي چڙهي وئي ان تارن ۾ زمين تي ڪندڙ ڪندڙ هاري وچڙي فوت ٿي ويو آهي اسان ان جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ نوشهرو فيروز ٿاڻي تي وياسين پر پوليس ڪيس داخل نه ڪيوان لاءِ 22 ڏينهن اڳ 11 هزار بجلي جي تارن مان ڪرنٽ لڳي فوت ٿيل گلاب راڄپر جي قتل جو ڪيس انجنيئر سيپڪو تاج محمد ماڪا ۽ ايس ڊي او پرپاروڊ شفيق احمد. خلاف قتل جي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي عدالت اهڙو موقف ٻڌڻ بعد 16 ڊسمبر تي ايس ايس پي نوشهرو فيروز ۽ ايس ايڇ او نوشهرو فيروز کي طلب ڪري ورتو.

بقايا — سنڌيار — 06

ايماندار سڏائيندڙ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جون دعوائون ڌوڙ ٿي ويون آهن اڄ ماڻهن کي مڃردائيون ورهائڻ جي تاريخ ڏني وئي هئي ماڻهو جڏهن مختلف هنڌن تي ٽوڪن ڪٺي سينٽرن تي پهتا ته اتي ڪجهه به نه هو جنهن کان پوءِ ماڻهو مايوس ٿي واپس موٽي ويا ڊي سي ٺٽو ڪجهه ڏينهن اڳ پوليو جو سبب ڄاڻائي ورهاست نه ڪئي ۽ اڄ 9 ڊسمبر جي تاريخ اناڻوس ڪئي پر ان تي به عملو نه ٿي سگهيو ٺٽي ضلعي جي عوام سان هميشه ويساهه گهاتي ڪئي وڃي ٿي گذريل سال پڻ مڃردائين جي سروي ٿي پر مڃردائيون نه مليون جيڪي لکين روپين جي ڪوڙن بلن ۾ هڙپ ڪيون ويون هن وقت ٻيو پيرو پڻ ساڳيو ورجاءِ ٿيو آهي ماڻهن کي ٽوڪن ڏئي انهن کي دربدر ڪيو ويو آهي هن ڀيري به لکين روپين جي ڪرپشن ٿي آهي عوام جو چوڻ هو ته ملڪ اعليٰ عدالتون ـ نگران وزيراعظم ۽ نگران وزير اعلي سنڌ کي گهرجي ته جلد نوٽيس وٺي ڪرپشن جي جاچ ڪري ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا — سنڌيار — 07

لنڊ، نواز تارو ۽ نيڪ محمد چيو ته واپڊا جي نجڪاري مزدورن جو معاشي قتل عام آهي. اڳواڻن نگران حڪومت کان مطالبو ڪيو ته واپڊا جي نجڪاري کي فوري طور تي ختم ڪيو وڃي. ملازمن جون جبري بدليون روڪي ملازمن جي جائز مطالبن کي فوري طور حل ڪيو وڃي اڳواڻن جو چوڻ هو ته هو يونين جي مرڪزي اڳواڻ عبداللطيف نظاماڻي جي حڪم تي عمل ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهيون.

بقايا — سنڌيار — 08

بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين پاران مريضن جي مفت تپاس ڪرڻ ۽ مفت دوائون ڏيڻ ڪانسواءِ ٽي. بي. شگر جي تپاس، هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي اسڪريننگ ۽ هيپاٽائيٽس بي کان بچاءَ جي ويڪسين پڻ لڳايون ويون. ڪئمپ ۾ سڳا گهوٽڪي جي عهديدارن جي ٽيم آغا بلاول پٺاڻ،عبدالرئوف دايو،سيد اقرار حسين شاهه،منظور احمد سومرو استاد جمال شاهه،ڊاڪٽر محمد نواز ڪلوڙ حق نواز سومرو شرڪت ڪئي ان موقعي تي 500 کان وڌيڪ مريضن جو مفت چڪاس ڪري ٽيسٽون ڪيون۽ دوائون پڻ مفت ڏنيون ويون ان دوران اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مفت ميڊيڪل ڪيمپ مان غريب طبقو گهڻو فائدو وٺي ٿو اسان جو مشن آهي ته غريبن جي خدمت ڪيون ۽ خلق خدا جو خيال رکڻ به عبادت آهي جنهن سان رب راضي ٿئي ٿو هنن چيو ته اسان غريب مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جي وس آهر مدد ڪرڻ لاءِ مختلف بيمارين جي مفت ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي آهي جنهن ۾ گهوٽڪي جي بهترين ڊاڪٽرن مريضن جي چڪاس ڪري مفت دوائون ڏنيون آهن انشاءالله اڳتي به ٻين شهرن ۾ اهڙي قسم جون طبي ڪيمپون لڳرائي انسانيت جي خدمت جاري رکنداسين

بقايا — سنڌيار — 09

تفصيل موجب تازو ئي نگران حڪومت سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمين آرمي کي ڏيڻ جي فيصلي خلاف سنڌ جا وڪيل سراپا احتجاج راڄي جي سنڌي وڪيلن جي ايم ڪورائي ايڊووڪيٽ عباس علي عباسي ايڊووڪيٽ امتياز بروهي ايڊووڪيٽ رضوان راڄپر ايڊووڪيٽ محسن راڄپر ۽ ٻين سوين وڪيلن سٽي ڪورٽ ڪراچي ۾ سخت احتجاج ڪيو. احتجاج ڪندي موسٽ سينئر قانوندان ۽ ايڊووڪيٽ جي ايم ڪورائي چيو ته سنڌ کي مال غنيمت سمجهي لٽيو پيو وڃي جنهن جو تازو مثال سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمين نگران حڪومت فوج کي ڏئي ڇڏي آهي جنهن خلاف اسين احتجاج ڪري رهيا آهيون سينئر ايڊووڪيٽ عباس علي عباسي احتجاج ڪندي چيو ته سنڌ کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي نگران حڪومت فوري فيصلو واپس وٺي. احتجاجي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ايڊووڪيٽ امتياز بروهي چيو ته ڪراچي تي مڪمل طور ڌارين جو قبضو آهي ڌاريا ڪراچي کي الڳ ڪرڻ ۾ رڌل آهن ٻئي پاسي سنڌ جي سون جهڙي زمين فوج کي ڏني پئي وڃي ايڊووڪيٽ رضوان راڄپر ۽ ايڊووڪيٽ محسن راڄپر چيو ته سنڌ جي زمين واپس ڪرائي سنڌي هارين ۾ ورهائي وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا — سنڌيار — 10

شاهه بادشاهه جو ميلو گهمڻ لاءِ ويل ڳوٺ مير شاهه جو رهواسي 30 سالن جي نوجوان سيد پورل شاهه جي قتل جو المناڪ واقعو پيش آيو آهي. نوجوان سيد پورل شاهه جو رسي جي مدد سان گهٽا ڏنل لاش ميلي جي ڀاهران زمين ۾ بيٺل وڻ مان هٿ آيو. مقتول نوجوان جو نازڪ عضوو ۽ سندس ڪن به ڪٽيل هو. جڏهن ته نوجوان جي جسم تي تيزوار جا چير ڏنل آهن. نوجوان کي مبينا قتل ڪرڻ بعد سلوار مان اڳ ڪڍي ڳلي ۾ وجهي وڻ ۾ ٽنڊو ويو. اطلاع تي ٿنون پوليس جي ايس ايڇ او اختر لاشاري نفري سان گڏ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل وٺي رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو آندو جتي نوجوان جو پوسٽ مارٽم ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ قتل ٿي ويل نوجوان سيد پورل شاهه جي والد سيد حيات علي شاهه ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني ڪونهي. پٽ ميلو گهمڻ لاءِ ويل هو. ظالمن بيدردي سان منهنجي پٽ کي قتل ڪيو آهي. جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن نوجوان جو پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڏڙو رورل هيلٿ سينٽر جي ڊاڪٽر ٻڌايو ته نوجوان جي ڳلي تي رسي جو نشان آهي. ٿي سگهي ٿو ڪيس رسي جي مدد سان گهٽا ڏئي قتل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف قتل واقعي جو اڃا تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي. ٿنون پوليس موجب وارثن جي اچڻ بعد ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 11

چيو ته سنڌ جون زمينون پيٽرول، ماربل يا ٻيا وسيلا ڏيڻ جو اختيار نگران حڪومت کي ڇا پر چونڊيل حڪومت کي به ناهي، اهو اختيار سنڌ جي ست ڪروڙ عوام کي آهي. جيڪڏهن حڪومت چاهي ٿي ته سنڌ جون سرڪاري زمينون آباد ڪجن ته اهي بي روزگار سنڌ جي هارين کي ڏين ته اهي آباد ڪن باقي اهو ڪهڙو طريقو آهي جو سنڌ جون زمينون ادارن کي ڏنيون وڃن. اياز لطيف پليجو وڌيڪ چيو ته سنڌ جون زمينون ٻين ملڪن حوالي ڪرڻ جي ضرورت ناهي اهي ملڪ هتي جيڪا زراعت ۾ آبادي ڪندا اهي جيڪي پنهنجي ضرورت وارا فصل آباد ڪندا. آدم شماري پ پ ڪرائي آهي ۽ سڀ ڪم پ پ پئي ڪرائي سنڌ دشمن منصوبن وارو پ پ کان جواب طلب ڪرڻ کپي. سنڌ جا اڪثر ماڻهو پنهنجي نياڻين . امڙين کي بينظير انڪم جي پئسا وٺڻ لاءِ پنائين پيا ۽ پاڻ وڏيرن جي پويان لور لور ڪندا ڦرن پيا. پ پ سنڌ جا سمورا ادارا تباهه ڪري ڇڏيا آهن اسان سنڌ جي عوام کي سجاڳ ڪري رهيا آهيون ته هاڻي هٿ تي هٿ نه رکي ويهي رهو بلڪ پنهنجن اولادن کي تعليم ڏياريو جيئن ٻيا ملڪ ترقي ڪري رهيا آهن تنهن ريت اسان جي سنڌ ۽ سنڌ جو مستقبل ترقي ڪري سگهي. هن تقريب کان اڳ اياز لطيف پليجو خان محمد سومرو ۽ ٻين پارٽي اڳواڻ ڪارڪنن گلن جي ورکا سان ڀرپور استقبال ڪيو ۽ سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. هن تقريب ۾ وڪيلن. صحافين سميت هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 12

ملهائي وئي . جنهن ۾ ڊويزنل صدر ڊاڪٽر علي نواز گبول جن خصوصي طور شرڪت ڪئي . 17 هين پارٽي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو . ڪيڪ ڪٽڻ ڪانپوءِ يوم تاسيس جي موقعي تي . ايس يو پي جي 17 سالن جي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪندي ڊاڪٽر علي نواز گبول. فاروق پنگوار . لالا بشير احمد. عامر خان بگٽي. سجاد علي راڄپر. محبوب علي ڪوسو . سجاد فاروق . امتياز علي ڪوسو. پيارو خان. صابر گبول ۽ ٻين چيو ته اڄ کان 17 سال اڳ سائين جلال محمود شاهه سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو ٻوٽو پوکيو جيڪا پارٽي صدر سائين زين شاهه ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن جي جدوجهد سان پوري سنڌ ۾ پارٽي مضبوط ٿي رهي آهي. انهن چيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڊي اي سان گڏجي اليڪشن وڙهي رهي آهي. سنڌي قوم کي گهرجي ته ته پيپلزپارٽي جهڙي ٺڳ پارٽي کي ووٽ ڪرڻ کان پاسو ڪري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي نمائندگي ڪندڙ اميدوارن کي ووٽ ڏئي ڪامياب بڻايو. انهن چيو ته نگران حڪومت سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ڪپائي رهي آهي جنهن کي زمينون ڪپائڻ جو قانوني ڪو به اختيار ڪونهي. پيو ملڪ ۾ مهنگائي بيروزگاري. ڦر لٽ اغوا ڌاڙا چوريون عروج تي آهن. ماڻهو بک بدحالي جي ڪري پنهنجي ٻچن کي قتل ڪري پاڻ خدڪشيون ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن سنڌي قوم کي سڀي حڪمراني کپي ته سنڌ پرست ڌرين کي ووٽ ڏئي ڪامياب بڻايو. ٻئي صورت ۾ جيڪڏهن ڀي چورلٽيرا هڪ ڀيرو ڀيهر اقتدار ۾ آيا ته سنڌ کي وري تباهه ڪري ڇڏيندا.

بقايا — سنڌيار — 13

ڪاهي رهيو هو ته سوگهو ڪيو ويو آهي مارڪيٽ ڪرڻ بعد پوليس کي گهرائي چابي چور کي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي هوڏانهن پوليس سوگهو ڪيل چابي چور کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪري رهي آهي ۽ اهڙي رپورٽ پڻ داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 14

سکر پريس ڪلب تائين سکر زونل اڳواڻ شجاعت علي گهمرو. سيد زاهد شاهه. عقيل احمد دايو. خليل احمد ڊومڪي. جاويد عباسي. ڏاڏا ديدار حسين. نذر محمد ميمڻ. عباس علي شاهه. نذير ڪورائي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي چٽي تعري بازي ڪئي. ريلي ۾ شامل سيپڪو ملازمن جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جن مٿان مطالبن جا نعار لکيل هئا ان موقعي تي ڌرڻي خطاب ڪندي شجاعت علي گهمرو. سيد زاهد شاهه. عقيل احمد دايو نذر محمد ميمڻ. خليل احمد ڊومڪي. ڏاڏا ديدار حسين ۽ ٻين جو چوڻ هو ته بدقسمتي سان اداري کي ڪانگڻ لاءِ ملازمن کي بيروزگار ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. بجلي چوري روڪڻ سميت بلن ۽ رهتن جي وصولي لاءِ سيپڪو جا ملازم رات ڏينهن ڪم ڪن ٿا. ان باوجود ننڍن ملازمن کي آفيسر شاهي انتقامي ڪاروائين جو نشانو بڻائي پئي بدقسمتي سان ڪم ڪندڙ ملازمن کي ڏورانهن علائقن ۾ بدليون ڪري ڪين پريشان ڪيو پيو وڃي ملازم ترقي لاءِ پنهنجون زندگيون خطري ۾ وجهي رهيا آهن جيڪڏهن انتقامي ڪاروائيون بند نه ٿيون ته مجبور ٿي ملڪ گير احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا سين جنهن جي ذميوار سيپڪو ۽ واپڊا انتظاميا هوندي اڳواڻن سيپڪو اختيارن کان مطالبو ڪيو ته بدلي ڪيل ملازمن جون بدليون روڪڻ سميت نيون ڀرتيون ڪري ملازمن کي وڌيڪ سختي مان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. اڳواڻن اعلان ڪيو ته واپڊا جي نجڪاري کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو ته ڪم مڪمل طور بند ڪيو ويندو جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي.

بقايا — سنڌيار — 15

لغاري عاشق علي زنئور سيد ظفر علي شاهه سميت مختلف جي ڊي اي اڳواڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳوٽي وڏي وزير لياقت علي جتوئي ورڪر ڪنوينشن ۾ خطاب ڪندي چيو ته مان جي ڊي اي قيادت کي ڀليڪار چوان ٿو مان جي ڊي اي ۾ شامل ٿيو آهيان هن وڌيڪ چيو ته 16 سال عوام کي چڪي ۾ پيسو ويو آهي پاڻي . بجلي روڊ رستا ماڻهن کي ناهن مليا صرف ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس، زمينن تي قبضا ڪيا ويا مون 16 سال عوام سان گڏجي هنن سان جنگ ڪئي آهي منهنجي ڪنهن سان به ذاتي دشمني ناهي صرف نظرياتي اختلاف آهن دادو ۾ ڪيترن ئي سالن کان ويٺل اقتدار جي نشي ۾ ويٺل هڪ ئي ٽولي سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي هنن سموري سنڌ تباهه ڪئي آهي مون ڪرپٽ نظام خلاف ڳالهايو آهي منهنجي سياست عوام لاءِ آهي مان عوام جو ورڪر آهيان ماڻهن جو سودو نه ٿو ڪري سگهان ڏکئي وقت ۾ عوام مون سان بيٺل رهيو آهي مان سلام ڪريان ٿو هن چيو ته پير پاڳاري صدرالدين شاهه جي خاندان سان اسان جا خانداني واسطا رهيا آهن اسان جنهن سان به گڏ بيٺا آهيون ته نڀايو آهي ۽ سنڌ ۽ دادو جي عوام سان نڀائينداسين اسان باضابط طور جي ڊي اي ۾ شامل ٿيا آهيون هڪ ڏينهن جي سڏ تي دادو ۾ ايتري عوام گڏ ٿي آهي جيڪو ڏسي دل خوش ٿي وئي آهي هن وڌيڪ چيو ته ووٽ جو صحيح استعمال ڪيو هن اليڪشن ۾ اسان جو سات ڏيو جي ڊي اي سان گڏجي سنڌ ۾ حڪومت ناهي غريب عوام کي صحت تعليم روڊ رستا صاف پاڻي ڏئي انهن کي خودمختيار ٻڌائيندا سين اسان هڪ ٿي جي ڊي اي جي حڪومت ناهينداسين جنهن جي شروعات اڄ دادو ۾ ورڪر ڪنوينشن ڪري جي ڊي اي جي اليڪشن مهم جي شروعات ڪئي آهي

بقايا — سنڌيار — 16

موجب ته هو حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رهائش پذير هو جنهن لمس ۾ ميڊيڪل جي ٽيسٽ پڻ ڏني هئي جنهن ۾ هو فيل به ٿي ويو هو خودڪشي واري خبر پوڻ کان پوءِ سندس وارث لاش وصول ڪرڻ لاءِ حيدرآباد پهتل آهن جتان لاش وصول ڪرڻ کان پوءِ لاش ملڪاڻي شريف آندو ويندو خودڪشي ڪرڻ جا ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا آهن.

بقايا — سنڌيار — 17

کي بلاجواز ڏنڊا هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي مسمات حسنا وڌيڪ ٻڌايو ته اسان جي گهر ۾ گهڙي ڪري حملو ڪيو آهي منهنجا ۽ منهنجي نياڻين جا ڪپڙا ڦاڙي ليڙوليڙو ڪري ڇڏيا آهن جڏهن اسان نوشهرو فيروز ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي ته پوليس ڪابه ڪاروائي نه ڪئي بااثرن جي سپورٽ استاد رانجهو۽ يوسي چيئرمين مولهڻ بابونعمت الله وسطڙو ڪري رهيا آهن ۽ اسان کي موت مار ڌمڪيون ڏئي چئي رهيا آهن ته توهان ڪجهه به ڪيو ته توهان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائينداسين اسان جو مطالبو آهي جسٽس هاءِ ڪورٽ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان ته مٿين بااثرن ۽ انهن جي سپورٽ ڪندڙ کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ اسان ايس پي آفيس اڳيان پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداسين ان جو ذميوار مٿيان ماڻهو هوندا

بقايا — سنڌيار — 18

شوت خوري جو خاتمو. نئون نسل بچايو. ڪرپشن فري پاڪستان جي عنوان هيٺ عوام ۾ آگاهي مهم جي سلسلي ۾ سکر ۾ تقريب ڪوٺائي وئي. ميناري روڊ کان سکر پريس ڪلب تائين اينٽي ڪرپشن ڪاتي سکر ڊويزن جي آفيسرن. ڊپٽي ڊائريڪٽر مير نادر علي ابڙو. سرڪل آفيسر صنم حاڪم سهتو. پي اي صبغت الله شيخ جي اڳواڻي آگاهي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سکر جي سياسي. سماجي. مذهبي. ڪاروباري تنظيمن جي اڳواڻن. سرڪاري ۽ غير سرڪاري تنظيمن. سول سوسائٽي جي نمائندن. مختلف تعليمي ادارن جي استادن. ڀارن ۽ شهرين شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شريڪ ڪارڪنن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر ڪنيا هئا جن مٿان فري ڪرپشن پاڪستان بڻايو ملڪ سنواريو ۽ نوجوان نسل کي اڳتي وڌايو جا مطالبا لکيل هئا ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي آفيسرن.مير نادر علي ابڙوصنم سهتوصبغت الله شيخ.نيئون ڪميٽي وائيس چيئرمين غلام مرتضيٰ گهانگهرو. واپاري اڳواڻ شبير ميمڻ جنيد احمد ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته ڪرپشن هڪ آفت آهي. ان جي خاتمي لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. چاڪاڻ ته ڪو به ڪم ممڪن ناهي. عوام جي سهڪار کان سواءِ رشوت جي خاتمي لاءِ ڪم ڪندڙ ادارا ۽ تنظيم به عوام جي خدمت لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي. مقررين چيو ته رشوت وٺڻ انساني ضمير جو موت آهي. رشوت سماج جي سڀ کان وڏي برائي ۽ لعنت آهي. رشوت جي خاتمي لاءِ لاڳاپيل ڪاتن سان گڏ عوام کي به پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڪو به ماڻهو بدعنواني جي نشاندهي ڪري سگهي. ڪرپشن جي خاتمي ڪانسواءِ ملڪ ۽ صوبو ترقي نٿو ڪري سگهي. ڪرپشن سماج ۾ هڪ لعنت آهي. جنهن جو خاتمو وقت جي ضرورت آهي. هنن چيو ته اجوڪي ريلي جو مقصد عوام ۾ ڪرپشن سبب ٿيندڙ تباهي بابت آگاهي پيدا ڪرڻ آهي. ڪرپشن بنيادي طور تي هڪ اهڙي بيماري آهي جنهن سان ڪيترين ئي بيمارين جنم وٺن ٿيون. ڪرپشن جي خاتمي لاءِ اسان سڀني کي ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اسان جو ملڪ پاڪستان ترقي ڪري سگهي ۽ ايندڙ نسل هڪ ڪرپشن فري ملڪ ۾ زندگي گذاري سگهن.

بقايا — سنڌيار — 19

الله وڳڻ ۽ سرڪل اينٽي ڪرپشن آفيسر ماجد صالح راهپوٽو جي اڳواڻي ۾ رشوت جي خاتمي لاءِ عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ڊي سي آفيس کان دادوپريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽودادو سميع الله وڳڻ چيو ته رشوت جي خاتمي لاءِ اڄ جي دور ۾ خاص ڪري نوجوانن ۾ شعورپيدا ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ڪرپشن ۽ بدامني اسان جي ملڪ جي ترقي کي ڪافي نقصان پهچائيو آهي ان ڪري آئنده جي نسلن ۾ رشوت جي حوالي سان ڄاڻ ۽ شعورپيدا نه ٿيندو تيستائين مستقبل ۾ رشوت ۾ گهٽتائين اچڻ نه ممڪن آهي هن نوجوانن تي زورڏيندي چيو ته اوهان کي سخت محنت ڪيو۽ پڙهڻ . لکڻ تي ڌيان ڏيو امتحانن ۾ ڪاپي ڪرڻ کان پاسو ڪيو ڪاپي ڪرڻ به ڪرپشن آهي جنهن ڪري مستقبل ۾ سٺا شهري . آفيسر۽ استاد ٿي ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي پنهنجو ڪردارادا ڪري سگهو هن وڌيڪ چيو ته جستائين معاشري جو هرمڪتبه فڪر جو ماڻهو ڪوڙ ۽ ڪرپشن کان نفرت نه ڪندو تيستائين ملڪ ۾ تبديلي نه اچي سگهندي هرماڻهو کي هن ڪاز کي قومي فرض سمجهي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن ريلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرڊاڪٽرنيازحسن جمالي اسسٽنٽ ڪمشنردادو بشارت علي ماهوٽو. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ۽ ورڪس ۽ بلڊنگ انجنيئر سجاد حسين شاهاڻي مختيارڪار ڪامران برماڻي ۽ مختلف ضلعي عملدارن . سماجي ورڪرن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 20

۽ دوستن سميت پيپلزپارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪندي چيو ته اسان جي سان به بيٺا آهيون ان سان نڀاهيو آهي. بغر ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي پيپلز پارٽي ۽ امتياز احمد شيخ جي عوامي خدمت ڏسندي ٽيم ۾ شامل ٿيو آهيان. ان موقعي تي پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته اسان سيد فائق شاهه کي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ تي ڀليڪار چئون ٿا. امتياز احمد شيخ چيو ته پيپلز پارٽي حڪومت پي ايس ـ 7 شڪارپور جي ترقي لاءِ مثال ترقياتي ڪم ڪرايا آهن . هر شعبي ۾ بهتري لاءِ ڪم ڪيو آهي. امتياز احمد شيخ خطاب ڪندي چيو ته لوڌرا فائق شاهه جو جلسو هتي ٿيو آهي پر رانهيات سلطان ڪوٽ مان اچن ٿا. اڄان ڪوڙ رانهيات ڪڍينداسين. ٻئي طرف اليڪشن مهم جي حوالي سان پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ جا پي ايس ـ 7 ۾ ڀيرون دفعو شامل ٿيل زرخيل سرڪل جي مختلف ڳوٺن جا دورا. مختلف هنڌن تي پهچڻ تي عوام شاندار استقبال ڪيو. عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ يوسي ترائي جي ڳوٺ حاجي جانگي خان بروهي ۾ محمد نواز بروهي. امان الله بروهي. حاجي علي محمد بروهي جي طرفان علائقي جي چگن مڙسن . همدردن ۽ دوستن سان گڏجاڻي ڪئي. جنهن ۾ بروهي . شر. جعفري. ڪلهوڙا. ڪيهر. برڙا . پنهور. جهلڻ . ڀهوڙ. جوڳي. ڪوسن سميت ٻين قومن جي شرڪت ڪئي. ان کان علاوه ڳوٺ شفيع محمد جهلڻ (نيو زرخيل) ۾ ڊاڪٽر اسرار احمد جهلن جي چانهه پارٽي ۾ شرڪت ڪئي. پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ خطاب ڪندي چيو ته نئين شامل ٿيل علائقي جي طريقي لاءِ شڪارپور. خانپور. ميان جو ڳوٺ جيان جاڪوڙينداسين. عوام جي تقدير بدلائينداسين. جڏهن ته پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ. خانچند آباد محلا ۾ سومرا برادري جي نوجوان قربان سومرو پاران چانهه پارٽي جو اهتمام ڪيو. جنهن ۾ مختلف برادرين جي چگن مڙسن ۽ نوجوانن شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ زبير احمد ميمڻ. ظفر علي شيخ. عبدالحق راجپوت. نصرالله سومرو. گلزار احمد پٽو ۽ ٻيا گڏ هئا. ان کان اڳ شفق احمد شيخ سان سوٽ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 21

لئيون ڏنڊا ڪٺي منهنجي گهرتي حملو ڪري منهنجي پٽن ڏيرڻ کي زخمي ڪيو جڏهن منهنجو ڀاءُ غلام مصطفي ڇڏائڻ لاءِ پهتو ته ان کي گوڏي ۾ ڪليڪشن جو ٻٽ سرور تگڙ هنيو جنهن جو گوڏو ڀڄي پيو منهنجي لائسن جي ايٽ ايم ايم ۽ به لک روپيي به ڪٺي ويا زخمي سول اسپتال نوشهرو فيروز پهچايو جتان ڊاڪٽرن نواب شاهه اسپتال ريفر ڪري ڇڏيو ٿاڻي تي اين سي به ڪٽائي مگر پوليس ڪو ايڪشن نه ڪنيو وري اڄ صبح اسان جي گهرن تي فائرنگ گهر کان نڪرڻ نه پيا ڏين هي وڏا ڌوهاري ماڻهو آهن چوريون ڦرون ڪندا آهن هنن تي نوشهرو فيروز ٿاڻي ايف آءِ آرون به ٿيل آهن اسان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان مطالبو ڪيو ته فورن انهن ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي اسان کي ڪجهه به ٿيو ته ذميوار اهي ماڻهو هوندا

بقايا — سنڌيار — 22

آهي ته هو رستي مان مبينا طگر لاپتا ٿي ويو آهي

بقايا — سنڌيار — 23

صوبائي وزير اويس قادر شاهه ڊويزن جي عهديدارن ۽ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳوٽي صوبائي وزير سيد اويس قادر شاهه ڪارڪنن جي منتخب اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ميانوالي جوموالي چوي ٿو اڳلا وزير اعظم مين بنون گا هاڻي هڪ لاهور جو لوهار آيو آهي اهو چوي ٿو مان وزيري اعظم ٿيندس نثار احمد کهڙو چيو آهي ته عمران خان ملڪ جو دشمن ثابت ٿيو پيپلز پارٽي اها پارٽي آهي جيڪا آئين بچائڻ واري ۽ هو آئين کي ٽوڙڻ واري پارٽي آهي ڀٽو صاحب جيان اسان جو اتحاد عوام سان گڏ آهي هن چيو ته 27 ڊسمبر جو ماحول اليڪشن جي موقعي تي ملي رهيو آهي پيپلز پارٽي هن وقت تائين ڪنهن ب اميدوار جو نالي جو اعلان ناهين ڪيو نثار کهڙو وڌيڪ چيو ت هڪ هڪ تڪ تي 30 کان وڌيڪ اميدوارن جون درخوستون مليون آهن اڳوٽي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته عوام جو ڪو لاڏلو آهي ته اهو بلاول ڀٽو زرداري آهي جيڪو وزيري اعظم ٿيندو ڪجهه ماڻهن کي لاڏلو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي 88 ۾ به لاڏلي ٺاهڻ وارن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاريا سون هاڻي به ڏينهن جا تارا ڏيکاريندا سون 88 واري لاڏلي کي به هنن هٿ کان پڪڙي ڪڍيو هو جڏهن جڏهن هنن لاڏلا آندا آهن تڏهن تڏهن انهن کي پشتاءَ ٿيو آهي هن چيو ته 13 ۽ 18 واري سالن جي اليڪشن ۾ ب لاڏلا آندا ويا لاڏلا پنهنجي ڪيل سزا ڀڳتي رهيا آهن اگر ڪوئي ب ملڪ جو وزيري چونڊي سگهن ٿا ت اها ملڪ جي عوام آهي 8 فيبروري تي ملڪ جي عوام وزيري اعظم بلاول ڀٽو زرداري کي چونڊيندي هن چيو ته وري لاڏن لاءِ اليڪشن ۾ دير ڪئي ويندي نئون لاڏلو صرف ڪمرن ۾ ويهي ميٽنگ مٿان ميٽنگ ڪري رهيو آهي بلاول ڀٽو زرداري ڪوئٽا ۾ يوم تاسيس واري جلسي ۾ تاريخي خطاب ڪيو هن وقت ب بلاول ڀٽو زرداري عوام جي دلين ۾ آهي عوام 8 فيبروري واري ڏهاڙي تي تير تي ٺپو هڻندي 9 فيبروري تي سڀ لاڏلا ملڪ کان واپس هليا ويندا لاڏلي واپسي جي ٽڪيٽ 9 فيبروري تي ڪرائي ڇڏي آهي اڳوٽي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه چيو آهي ت عمارت جڏهن بيهاري ويندي آهي ت اها عمارت بيٺل هوندي آهي ذوالفقار علي ڀٽو اهڙي عمارت ٺاهيو جيڪا ڏينهن قيامت تائين قائم رهندي هاڻي چيو پيو وڃي ت اقتدار هڪ ماڻهون کي ڏنو ويندو چيو پيو وڃي ت مينا نوازشريف کي قصور کان اليڪشن ۾ چونڊرايو ويندو پلي هن کي قصور کان اليڪشن وڙهائڻ پرهو ڪٽيندو ن عوام بلاول ڀٽو کي ملڪ جو وزير اعظم بڻائيندي

بقايا — سنڌيار — 24

ڪئي ۽ قومي گيتن دهل شرنائين تي رقص ڪري سنڌ سان ڀرپور محبت جو اظهار ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي استادن ۽ شاگردن چيو ته ايڪتا ڏهاڙو سنڌ جي ماڻهن جي قومي عيد آهي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت هزارين سال پراڻي آهي اسان کي پنهنجي ثقافت تي فخر آهي هن سال اسان اچوته نئين سنڌ اڏيون جي سري هيٺ ايڪتا ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون هن ڏهاڙي تي هر سنڌي کي اهو عذم ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جي تباهه ٿيل تعليم ۽ ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ آواز بلند ڪريون سنڌ ۾ غيرقانوني طور ترسيل ڌارين کي نيڪالي ڏيارڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سنڌ سان محبت جو ثبوت ڏيون تقريب ۾ شاگردن پاران مختلف قومي گيتن تي ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ويا.

بقايا — سنڌيار — 25

ڏينهن ڀهرين جرمن جي شهر ۾ چار ماڙ بلڊنگ تان برف باري ٿيڻ سبب پير ترڪڻ ڪري هيٺ ڪري پيو . ڪيس دماغ ۽ جسم جي مختلف حصن تي ڌڪ لڳڻ سبب نوجوان ڪوما ۾ هليو ويو . ۽ ٻه راتيون اڳ نوجوان فوت ٿي ويو فوتگي جي اطلاع تي وارثن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو . ڪاله به وڳي بدين پرسان ڳوٺ حاجي حسين سومرو جهڙڪانڊي ۾ نوجوان جو جنازو پڙهايو ويو .شام جو 3 وڳي سوين آلين اکين سان فوتي نوجوان کي شاهه قادري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا — سنڌيار — 26

ڀٽو اقتدار جي ڪرسي کي ٺڏي ڇڏيو. اڳواڻن جي هدايت ۽ رستي ڏيڻ سان ورڪر مضبوط ٿيندا آهن. اٺون شهيد ڀٽو جو سياسي ورڪر آهيان پورو ملڪ مون لاءِ برابر آهي. ملڪ جي معيشت ڪراچي مان هلي ۽ پاڪستان جي معيشت وري ملتان مان هلي ٿي، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ اڃا موٽروي ناهي ٺهيو ڇو؟ قائد اعظم ڪانپوءِ ملڪ کي مضبوط شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيو. دنيا ۾ پاڪستان سر مٿي ڪٺي هلي ايٽمي طاقت ڏئي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو عوام پنهنجي مرضي جا فيصلا ڪندي آهي اسان انهن کي ڪجهه نٿا چئي سگهون هو شهيد ذوالفقار ڀٽو جي نالي جي ديواني آهي سنڌ کي مزاق نه سمجهيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 27

حيدر علي عمراڻي ايوارڊ تقسيم ڪيا جڏهن ته اسڪول ۾ بهترين تعليمي خدمت سرانجام ڏيڻ تي اسڪول جي استادن کي به ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا ثقافتي تقريب کي خطاب ڪندي استاد عرفان سهتو .استاد حيدر علي عمراڻي. استاد فضل الرحمان بروهي .استاد عبدالحميد چاچڙ .استاد علي احمد سهتو .استاد محبوب علي سهتو . استاد احسان وساڻ .استاد غلام تقي سوڍڙو چيو ته هر قوم پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي جي ڪري سڃاتي ويندي آهي ان ڪري اسان کي پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي سان تمام گهڻو پيار آهي. ايندڙ نسل کي به هن تقريب جي وسيلي اهو پيغام ڏيڻ ٿا چاهيون ته هميشه اها قوم دنيا جي نقشي تي وڌيڪ عرصو زنده رهندي آهي جيڪا پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت سان وڌيڪ پيار ڪندي آهي ۽ تعليم جي روشني ۾ اڳتي وڌندي رهندي آهي جنهن ڪري ڪامياب سندن قدم چميندي آهي تقريب ۾ اجرڪ ٽوپيون پائي وڏي انگ شاگردن شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 28

مجاهد لغاري، اسد سنڌي، عرفان لغاري، علي سونو، نيئر عباس، امتياز لغاري، مسعود رضا ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي ثقافت دنيا ۾ مشهور آهي. اسان کي پنهنجي ثقافت تي وڏو ناز آهي. هنن چيو ته استاد غلام رضا لغاري کي جس هجي جنهن جي ڏينهن رات ڪانپوءِ علائقي ۾ تعليم جو ڏيئو روشن ٿيو آهي. تقريب ۾ شاگردن ميٺم رضا. ياسر حسين، ناصر حسين، حرم حسين، شاگرديائين ڪومل سنڌو، رملا بتول، افسانه سنڌو، سميرا سنڌو، تهذيب لغاري، مرضيه بتول، سمانا بتول، حميرا آرائين ۽ سميرا آرائين چيو ته سنڌ ڌرتي جيڪا ڪن فيڪون کان امن، مهمانوازي، سهپ، رواداري، ماڻهپي جو درس ڏيندڙ ڌرتي آهي، ان خوشحال سنڌ جا ماڻهو اڄ دربدري، بک، بدحالي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. تقريب ۾ شاگرديائين آيت سنڌو، امبر مهڪ، پلوشا سنڌو، مصباح لغاري ۽ ٻين قومي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪري رقص ڪيو. جڏهن ته سنڌ جي مشهور ڪاميڊين باقر علي لغاري پاران مزاحيا ٽوٽڪا ۽ مختلف پکين جا آواز ۽ سر ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو

بقايا — سنڌيار — 29

ون محمد علي خواجه ۽ سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن شاهنواز راهپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد بدعنواني ۽ ڪرپشن جي نقصانن بابت عوام ۾ آگاهي ۽ شعور پيدا ڪرڻ آهي. ڪرپشن هڪ ناسور وانگر آهي جنهن جون پاڙون پٽڻ لاءِ هر فرد کي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته جيئن ايندڙ نسلن کي ڪرپشن کان پاڪ معاشرو ملي سگهي. هنن چيو ته پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي جو راز به ڪرپشن کان پاڪ معاشري ۾ آهي. ڪرپشن هڪ سماجي ظلم آهي جنهن جي سزا دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ آهي. ڪرپشن اسان جي ادارن ۽ مُلڪ جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. جنهن جو خاتمو وقت جي اهم ضرورت آهي. ريلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو وقاص ملوڪ. اسسٽنٽ ڪمشنر گهوڙاٻاري نبي بخش سولنگي. ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نياز احمد ميمڻ. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري حضور بخش خاصخيلي. ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر محفوظ علي سومرو. ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري محمد حسن سومرو. صدر چيمبر ڪامرس جهانگير خان مري کان علاوه روينيو. تعليم. صحت. لوڪل گورنمينٽ. سوشل ويلفيئر. پي پي ايڇ آءِ ۽ ٻين مختلف کاتن جي عملدارن ۽ عملي. مختلف سماجي تنظيمن جي نمائندن ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 30

عبدالستار شيخ. اي سي هالا عابدقمرشيخ. اي سي نيوسعيدآباد محمدسعود لنڊ. ٽي ايڇ او مٽياري ڊاڪٽر زاهدصدر. سرڪل آفيسر زيشان حيدرميمڻ.عبدالخالق ميمڻ آصف جتايم ايس مٽياري ڏاهد شيخ ساجد صدر ۽ ٻين جي سربراهيءَ ۾ آگاهي واڪ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ضلعي جي مڙني لاڳاپيل ڪاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبدالستار شيخ چيو ته رشوت اسان جي معاشري جي تباهيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿي ان ڪري ان جو خاتمو تمام ضروري آهي انهي مقصد لاءِ سماج جي هر هڪ فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته اسان کي رشوت ۽ ڪرپشن جي خاتمي لاءِ سڀ کان پهرين ذهن تبديل ڪرڻا پوندا ۽ عوام ۾ رشوت ۽ بد عنوانيءَ جي ناڪاره اثرن بابت آگاهي فراهم ڪرڻي پوندي ان موقعي تي اينٽي ڪرپشن جي سرڪل آفيسر ذيشان حيدر چيو ته ڪرپشن کي ختم ڪرڻ لاءِ عوام اينٽي ڪرپشن کاتي جو ساٿ ڏيئي ته جيئن هن ناسور کي ختم ڪري معاشري کي ڪرپشن کان پاڪ ۽ صاف ڪري سگهجي

بقايا — سنڌيار — 31

ملازمن کي پڪو نه ٿو ڪيو وڃي جبري پورهيو ورتو ٿو وڃي نجڪاري ملازمن لاءِ تلوار وانگر آ ملازمن کي اوور ٽائيم. ملازمن کي پنهنجي علائقن ۾ ڊيوٽي پڻ نه ٿي ڏني وڃي جبري پورهيو ڪرائڻ پيا حادثن کان واپڊا ملازم محفوظ نه آهي فڪس تي ڀرتي ڪيل ملازمن کي پڪو نه ٿو ڪيو وڃي ويتر نجڪاري لاءِ حڪومت تيار آهي ڪيترائي بجلي پلانٽ بند پيا آهن پر اهي نه ٿا کوليا وڃن ملازمن جي نوڪرين تان پابندي پڻ ختم نه ٿي ڪئي وڃي جنهن سبب پريشان آهيون. هنن مطالبو ڪيو ته واپڊا يونين جي ملازمن جا سمورا مطالبا پورا ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 32

جي اهڙي عمل خلاف ڳڻتي جو اظهار. ريتي پوليس خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو . ريتي پوليس پاران سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ جي پيچ ڊاهه ڪرڻ جي اسان کي ڪا خبر به ناهي. نه ئي اسان کان اجازت گهري وئي آهي. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خبر موجب ريتي ۾ قائم سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ کي ريتي پوليس جي حڪم تي پيچ ڊاهه ڪري ڪٻاڙين نظر ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ريتي پوليس جي اهڙي غلط عمل خلاف ريتي جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ ساجاهه وندن طرفان سرڪاري اسپتال جو سامان وڪرو ڪرڻ جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪندي وزيراعلي سنڌ کي ۽ ٻين وس وارن عملدارن کي اپيل ڪئي آهي ته سرڪاري اسپتال عوام جي ملڪيت آهي نه ڪ پوليس جي انهن چيو ته ريتي پوليس کي ڪو حق ناهي ته هو سرڪاري عمارت جي پيچ ڊاهه ڪري سرڪاري سامان وڪرو ڪري انهي سلسلي ۾ ريتي واسين. اڪبر علي، احمد علي چاچڙ. راحب علي عليوناز سومرو ڪريم بخش حسين شر ۽ ٻين ميڊيا اڳيان ويچار ونڊيندي چيو ته پوليس جو ڪم سرڪاري مال ۽ عوام جو تحفظ ڪرائڻ آهي نه ڪ سرڪاري عمارتن کي پيچ ٽوڙ ڪرائڻ آهي. انهن چيو ته ريتي پوليس ريتي شهر جي سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ جي پيچ ڊاهه ڪري سامان شهر جي ڪٻاڙين کي وڪرو ڪري ڪري قانون جي لتاڙ ڪري رهي آهي انهن وزير اعلي سنڌ وزير صحت ۽ ٻين اعلي اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ريتي پوليس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ته جيئن آئنده ٻيو ڪو به شخص قانون جي ڇڪتاڻ نه ڪري نه ته ريتي پوليس جي اهڙي ڪڏي عمل خلاف احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. ٻي پاسي عوامي آواز ريتي پاران ڊسٽرڪٽ گهوٽڪي جي هيلٿ آفيسر کي اهڙو اطلاع ڪندي جڏهن موقف ورتو ويو ته ڊي ايڇ او پاران چيو ويو ته پوليس جي اهڙي عمل خلاف اسان کي ڪا به خبر ناهي نه وري ريتي پوليس اسان کان سرڪاري اسپتال جي عمارت کي ڊاهڻ جي اجازت ورتي آهي

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي — ايڊيٽر اعجاز مهر — Reg No 2677 — Daily SINDHYAR Karachi — NTN 4129440-8 — www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com